نہ ڪرڻ ڏي ۽ ڪيس چوي تہ تنهنجي آباد ڪرڻ سان مونٰ کي نقصان رسندو، ڇا لاءِ تہ اها منهنجي گهر جي سامهون آهي. اهڙي صورت ۾ امام ابوحنيفه رح امام جي اجازت جو شرط وجهي، ماڻهن جي جهيڙي کي ٽارڻ ضروري قرار ڏنو آهي، اهڙي حالت ۾ امام، ٻني جنهن جي بہ حوالي ڪري اها ٻني ان جي ٿي ويندي. امام جي پاران اجازت ملڻ يا نہ ملڻ جي صورت ۾ ماڻهن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ختم ٿي ويندي. ان جي باوجود منهنجي راءِ اها آهي تہ جيڪڏهن ائين ٻنيءَ کي آباد ڪرڻ سان ڪنهن کي ڪوبہ نقصان نہ رسي ۽ نہ وري ان جي خلاف ڪو عذر وغيره پيش ڪري سگهجي تہ اهڙي صورت ۾ پوکي وجي تانتہ رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي اجازت قيامت تائين ڪم ايندي رهندي. ان جي برخلاف جيڪڏهن تڪليف ڏيڻ جي ڪا صورت پيدا ٿي پوي تہ ان جو علاج هن حديث جي روشنيءَ ۾ ڪيو ويندو. ”ظلم ڪندڙ جو ڪوبہ حق ناهي“

انهيءَ فقهيءَ حڪمت عمليءَ جا بہ فائدا حاصل ٿيندا:

(الف) امن امان ۽ انتظام ۾ بهتري ۽ سڌارو

(ب) تڪليف جو خاتمو.

ان ڏس ۾ جيڪڏهن امام (حڪومت) جي اجازت واري شرط کي ختم ڪجي تہ اهڙي صورت ۾ انتظام ۽ امن امان جو مسئلو ڪر کڻي سگهي ٿو ۽ پوءِ هڪ ٻئي کي، نقصان رسائڻ جي ڪوشش کي روڪڻ مشڪل ٿي پوندو.

غيرآباد ۽ پري واري زمين شرعي طور حڪومت جي آهي، تنهنڪري انهيءَ ٻني جو سرڪاري اجازت ڪان سواءِ استعمال درست ناهي ۽ اهڙيءَ طرح اجازت ڪان سواءِ زمين تي قبضي ڪندڙ شخص ڪي بي دخل ڪري سگهجي ٿو ۽ اها ٻني اهڙي ربت هن جي ملڪيت بہ ٿي نٿي سگهي.

انهيءَ ڳالھ جي وڌيڪ تائيد هن ڳالھ مان بہ ٿئي ٿي تہ آنحضور صلي الله عليه وسلم جن جو هي ارشاد مبارڪ تہ "جيڪو مرده ٻني کي آباد ڪري تہ اها سندس ٿي ويندي. بحيثيت امام ۽ وقت جي حاڪم جي آهي. اها عام اجازت انهيءَ وقت ڏني وئي هئي جڏهن پاڻ سڳورا امام ۽ حاڪم هئا. هينئر ڪوبہ امام يا حاڪم شريعت جي روشنيءَ ۾ اهڙي اجازت يا حڪم. جاري ڪري سگهي ٿو، جنهن ذريعي انهيءَ زمين کي آباد ڪرڻ جو انتظام ٿي سگهي.

هن اجازت جي حڪمت جو ذڪر ڪندي امام ابو يوسف لکي ٿو:

"الاحياء لايكون الا باذن الامام ارائيت رجلين اراد كل واحد منهما ان يختار موضعا واحد وكل واحد منهما منع صاحبه ايهما احق به ارءايت رجلين ان اراد رجل وهو مقران لاحق له فيها- فقال لا تحيها فانها فنائي وذالک يضوفي فانما جعل ابو حنيفه اذن الامام في ذالک هاهنا فصلا بين للناس فاذا اذن الامام في ذلک الانسان كان ....... ان يحييها وكان ذالک الاذن جائز مستقيما- واذا منع الامام احدا كان ذالک المنع جائز ولد يكن بين الناس تشاع في الموضع الواحد ولا الضرا فيه مع اذن الامام ومنعه قال ابويوسف اما انافاري اذالم يكن فيه ضرر علي احد ولا لاحد فيه فصومة ان اذه رسول الله صلي الله عليه وسلم جائز الیٰ يوم القيامة فاذا جاءالضرر فهو علي الحديث وليس لعقرق ظلم حق." (ڪتاب الخراج ص ٧٩- ٧٠)

امام جي اجازت ڪان سواءِ ٻني آباد نٿي ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن بہ اهڙا ماڻهو هجن جن،مان هر هڪ ساڳي ٻنيءَ کي پوکڻ لاءِ ضد ڪري ۽ هر هڪ ٻئي کي ائين ڪرڻ ڪان روڪي تہ اهڙي صورت ۾ ٻنيءَ جو حقدار ڪير هوندو؟ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ٻئي جي گهر جي آڏو پيل غيرآباد ٻني آباد ڪرڻ چاهي ۽ مالڪ اهو اقرار ڪري تہ هو ٻني آباد ڪرڻ نٿو چاهي تہ سندس ٻنيءَ تي ڪو حق باقي نٿو رهي، پر جيڪڏهن ٻني آباد

ڪئي تہ اها ان جي لاءِ آهي ۽ ظلم ڪرڻ واري جو ڪو حق نہ آهي."
(ڪتاب الاموال ابو عبيد ص ٢٨٦ بحوالہ احمد، نسائي، ابن حبان)

بي حديث مبارڪ جيڪا بخاري شريف جي آهي ان ۾ فرمايو ويو آهي.

"من عمر ارض لبيست لاحد فهو احق بها"

يعني- "جنهن شخص ڪا اهڙي زمين پوکي، جنهن جو ڪو مالڪ ناهي تہ آباد ڪندڙ ان جو سڀ کان وڌيڪ حقدار آهي." (حاشيو ڪتاب الاموال ابو عبيد صہ ٢٨٦)

هنن حديثن مان هيءَ ڳالهہ بالڪل واضح ٿي وڃي ٿي تہ اسلامي رياست جي غيرآباد ٻني جيڪا ڪنهن جي ملڪيت ۽ قبضي ۾ نہ آهي، اها انهيءَ کي ڏني ويندي جيڪو ان تي خود ڪڙمت ڪري يعني ڪڙمي ٿي ان جو زياده حقدار آهي نہ ڪو ٻيو- البتہ هي بحث اڳتي اچي ٿو تہ انهن هارين مان ڪهڙا ماڻهو انهيءَ ٻنيءَ کي حاصل ڪرڻ جا حقدار آهن، ويجهو رهندڙ مهاڳ وارا اصلي رهاڪو يعني مقامي ماڻهو يا ٻين علائقن ۽ صوبن ۾ رهندڙ ماڻهو؟

اڳتي وڌڻ کان اڳ ۾ اسان کي هن مسئلي تي بہ غور ڪرڻو آهي تہ مٿي بيان ڪيل قسم واري ٻني تي پوک ڪرڻ اهو خليفي يا حڪومت جي اڳواڻ جي اجازت سان ٿي ٿي سگهي ٿو يا سواءِ ڪنهن جي اجازت جي ۽ اجازت ضروري آهي تہ انهيءَ ۾ ڪهڙي حڪمت سمايل آهي؟ انهيءَ مسئلي جي ڇنڊ ڇاڻ حضرت امام ابو يوسف رضہ، حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمتہ الله عليه جي حوالي سان فرمائي آهي. اها تحقيق هن ريت آهي.

"قد کان ابو حنيفہ رحمه الله يقول من احيا ارضا مواتا فهي لہ اذا اجازه الامام، ومن احيا ارضا مواتا بغير اذن الامام فليست لہ وللامام ان يخرجها من يده" ڪتاب الخراج ص ٦٩.

يعني- "امام ابو حنيفہ رحمتہ الله عليه فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن امام جي اجازت سان ڪير بہ ڪنهن (غير آباد افتاده زمين) کي آباد ڪندو تہ اها ٻني هن جي ملڪيت ٿي ويندي پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ارض موات جي آبادي امام جي اجازت کان سواءِ ڪندو تہ اها ٻني سندس ملڪيت نہ ٿيندي ۽ امام کي اهو اختيار هوندو تہ هو ان کي ٻني کان بي دخل ڪري ڇڏي."

انهيءَ مسئلي مان هيءَ ڳالهہ چنڊجي صاف ٿي وئي تہ اها غيرمملوڪہ.

لکي ٿو:

”فاذالم يکن في هاذه الارضين اثر بنا ولا زرع ولم تکن فيئا لاه القرية ولامسرحا ولا موضع مقبرة ولا موضع محتطبهم ولا موضع مرعي دوابهم واغنامهم. وليست بملک الاحد ولا في يد احد فهي موات فمن احياها اواحيامنها شيءِ فهي له (کتاب الخراج ص ٦٩)

ترجمو: ”جڏهن اهڙن ٻنين ۾ اڏاوت يا زراعت جا کي آثار موجود نہ هجن ۽ نہ وسندي وارن جي گڏيل ضرورتن جي پورائي لاءِ ڪم ايندڙ هجن جهڙو تفريح گاهہ ڍورن ۽ سواري وارن جانورن جو چراگاهہ، ٻارڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ٽاڪ يا قبرستان، جيڪي نہ ڪنهن جي ملڪيت ۾ هجن ۽ نہ قبضي ۾، تہ پوءِ اهڙين زمينن کي ”موات“ قرار ڏنو ويندو. انهن کي يا ان جي ڪنهن حصي کي جيڪو بہ شخص آباديءَ هيٺ آڻيندو تہ اها سندس ملڪيت ٿي ويندي.“

حضرت امام ابويوسف جي ٻڌايل تعريف مان پڌرو ٿيو تہ ٻني ڪنهن واهڻ جي ويجهو هجي تہ انهن کي ترجيح ڏيئي انهيءَ واهڻ جي رهاڪن جي گڏيل ضرورتن جي استعمال ۾ آندي ويندي اها ٻني ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ درست ناهي، توڙي ڪٽي هو ان کي آباد ڪرڻ جو ارادو ڪري، انهيءَ ٻنيءَ تي آبادي يا واهڻ وارن جي حق کي جيڪو مقدم رکيو ويو آهي، اهو هن بنياد تي تہ اها ٻني انهيءَ واهڻ جي ويجهو آهي. تنهنڪري ان مان فائدي حاصل ڪرڻ جو اول حق ان ڳوٺ وارن کي آهي. پر جيڪڏهن اهڙي قسم جي ٻني ڳوٺ جي ويجهو واقع نہ هجي، نہ ڪنهن جي ملڪيت هجي ۽ نہ ڪنهن جي قبضي ۾ هجي تہ پوءِ پوکي ڪرڻ لاءِ ڪنهن کي ڏيڻ جائز ٿيندي ۽ ڪير بہ انهيءَ ٻني يا ان جي ڪنهن حصي تي هارپ ڪري تہ اها زمين سندس ملڪيت ٿي ويندي.

حديث شريف مان بہ هن ڳالهہ جي تائيد ٿئي ٿي:

”قال رسول الله صلي الله عليه وسلم من احيا ارضا ميته فهي له وليس لعرق ظالم حق“ (کتاب الخراج امام ابو يوسف ص ٧٠ کتاب الخراج يحيٰ بن آدم ص ٩٢)

يعني ”رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو جنهن مرده زمين آباد

ڪريم صلي الله عليه وسلم جو ارشاد مبارڪ تہ اهڙي طرح رضامندي ۽ اجازت کان سواءِ ڪير زراعت ڪندو تہ صرف خرچ جو حقدار جو هوندو، هن کي زراعت مان ڪجهہ بہ نہ ملندو. اهو حڪم ۽ فيصلو وقت جي حاڪم جي حيثيت سان بہ آهي جيڪڏهن ڪنهن وقت اهڙي قسم جي صورتحال پيدا ٿي وڃي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي هن هدايت روشنيءَ ۾ فيصلو ڪيو وڃي.

حديث نبوي مان بہ هن ڳالهہ جي تائيد ٿئي ٿي

ان القوم اذا اسلموا احزرو دماءوهم واموالهم

يعني- جڏهن ڪا قوم اسلام قبول ڪري ٿي تہ اها پنهنجين جانين ۽ مالن کي محفوظ ڪري ڇڏي ٿي."

اهائي ڳالهہ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن خطبہ حجة الوداع جي موقعي تي فرمائي هئي

ايهاالناس ان دماوءکم واموالکم عليکم حرام ان تلتقوا ربکم کحرمة يومکم هاذا وکحرمة شهرکم هاذا وکحرمتہ بلدکم هاذا" ( السيرة النبوية: ابن هشام جلد ۴ ص١٨٥-١٨٦ سيرت النبي شبلي نعماني جلد ٢ ص١٥٧ بحوالہ بخاري- مسلم- ابوداوءد)

حرمت جو اهو حڪم مسلمانن جي مال ۽ ملڪيت تي بہ لاڳو ٿئي ٿو جن جا هو مالڪ آهن ۽ گڏوگڏ انهيءَ اموال ۽ معاشي وسيلن تي بہ لاڳو ٿيندو جنهن جا اهي پين ماٽهن جي پيٽ ۾ وڌيڪ حقدار ۽ مستحق آهن. لهاذا انهن مڙني قسمن جي املاڪ، ۽ معاشي وسيلن تي قبضو ڪرڻ يا غير شرعي طور تي حاصل ڪرڻ مٿي بيان ڪيل حرمتن کي پائمال ڪرڻ جي برابر آهي.

## ٥- ويران ٻني جو مسئلو.

مٿي بيان ڪيل ڇئن قسمن جي ٻنين کان علاوه ڪجهہ اهڙي ويران ٻني بہ هوندي هئي جيڪا نہ ڪڙمت جي قابل هوندي هئي ۽ نہ ان جو ڪو مالڪ هوندو هو ۽ ڪا ٻني افتاده يعني اهڙي بہ هوندي هئي. جو ڪڙمت جي لائق تہ هوندي هئي پر ڪير ان جي ڪڙمت ڪندو ڪونہ هو. اهڙي قسم جي زمين لاءِ "ارض موات" جو لفظ ڇيو ويندو هو.

ارض موات- جي تعريف ڪندي امام قاضي ابويوسف رحمتہ الله عليه

ترجمو "هنن جون زمينون عشري زمينون اهن، ڪين آئنده بہ انهن ۾نين مان بي دخل نہ ڪيو ويندو- اهي مالڪ پنهنجي ۾ني کي ورثي ۾ منتقل ڪري سگهندا ۽ جي خريدفروخت ڪري سگهندا اهوئي حال انهن سڀني علائقن جو آهي جن جي باشندن انهن تي قابض هئڻ جي حالت ۾ اسلام قبول ڪيو هجي اهي علائقي ۽ انهن ۾ ملندڙ شيون انهن ماڻهن جي ملڪيت ۾ رهنديون".

هن ڳالهہ جي تائيد حديث نبوي مان بہ ٿئي ٿي:

عن رافع بن خديج يرفعه الي النبي صلي الله عليه وسلم قال من زرع في ارض قوم بغير اذنهم فله وليس له من الزرع شيءِ. (ڪتاب الخراج يحيٰ بن آدم صفحو ١١٢ بحوالہ ابوداؤد- ترمذي طحاوي ۽ طيالسي ابن ماجد ڪتاب بالاموال ابو عبيد صفحو ٦٨٧ بهيقي جلد ٦ صفحو ١٣٦)

ترجمو- رافع بن خديج صلي الله عليه وسلم کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ جيڪو شخص ڪنهن قوم جي ۾ني ۾ سندس اجازت کان سواءِ زراعت ڪري تہ کيس فقط اُن جو خرچ ڏنو ويندو ۽ ۾نيءَ ۾ ڪوبہ حصو نہ هوندو."

هن حديث شريف ۾ اسلام جي نظام عدل جو اهو بنياد موجود آهي جنهن ذريعي فتني ۽ فساد جي امڪان کان بچي سگهي ٿو. هن حديث شريف مان هي ڳالهہ ثابت ٿي رهي آهي تہ ڪا قوم يا فرد جيڪو ڪنهن علائقي ۾ رهندڙ هجي، اهو ٻئي علائقي ۾ ڪنهن قوم جي سرزمين ۾ وڃي اُن جي اجازت ۽ رضامندي کان سواءِ اتي زراعت نہ ڪري. ڇوتہ انهيءَ علائقي ۾ رهندڙ ماڻهو انهيءَ زمين کي آباد ڪرڻ جا زياده مستحق آهن. جيڪڏهن هو پاڻ اها ۾ني آباد نہ ڪري سگهندا هجن ۽ هو پنهنجي رضامندي ۽ اجازت سان ڪنهن ٻئي علائقي جي ماڻهن کي اتي پوک ڪرڻ جي اجازت ڏين تہ ڪين ائين ڪرڻ صحيح هوندو. هن حديث جي روشنيءَ ۾ وقت جي حڪومت کي بہ مصلحت جو خيال ڪرڻو پوندو تہ جيڪڏهن ڪنهن علائقي جا ماڻهو پنهنجي علائقي ۾ زمين تي زراعت ڪرڻ لاءِ ٻين ماڻهن کي اجازت ڏيڻ لاءِ رضامند نہ آهن تہ حڪومت کي بہ اهڙي قسم جي ڪوشش کي روڪڻ جو حق حاصل آهي تہ جيئن ڪو قبيلو ٻئي قبيلي تي ڪا زيادتي نہ ڪري سگهن، حضور

عليه وسلم جي مبارڪ دؤر ۾ حاصل رهيو پر چئن يارن جي دؤر خلافت ۾ بہ انهن جي سياسي ۽ معاشي معاملن ۾ ڪو دخل نہ ڏنو ويو. مسلمان تہ پنهنجي جاءِ تي، پر اهڙي زيادتي تہ نجران جي انهن عيسائين سان بہ نہ ڪئي وئي جن سان معاهدو ٿيل هو. انهن سان ڪيل معاهدن جي هر دوءِر ۾ حفاظت ڪئي پئي وئي ۽ هنن تي ڪابہ زيادتي ٿيڻ نہ ڏني وئي، جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري هنن کي ٻئي علائقي ۾ منتقل ڪيو ويو تہ ڪين جائداد جو معاوضو وغيره ادا ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ قاضي ابويوسف رحمتہ الله عليه لکي ٿو:

قوم من اهل الحرب اسلموا عليٰ انفسهم وارضهم ما الحکم في ذالک؟ فان دماءهم حرام وما اسلموا عليه من اموالهم وکذالک ارضوهم لهم...... وکذالک اهل الباديه اذا سلموا عليٰ مياههم وبلادهم فلهم ما اسلموا عليه وهو فيه ايديهم وليس الاحد من اهل القبائل ان يبني في ذالک شيئا يستحق به منه شيئا، ولا يحفرفيه يئرا يستحق به شيئا- (کتاب الخراج صفحو ٦٨-)

ترجمو- اهل حرب (جنگ) مان اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي جان ۽ ٻنين جا مالڪ هيا، انهن اسلام قبول ڪيو آهي، انهن جي باري ۾ ڪهڙو حڪم آهي؟ سندن رت حرام آهي، بلڪل ائين جيئن اسلام قبول ڪرڻ وقت هو، جنهن ڌن دولت جا مالڪ هئا اها سندن ئي ملڪيت رهندي، اهوئي حال سندن ٻني جو بہ آهي...... اهڙي طرح جڏهن باديہ (ٻهراڙي) جا ماڻهو، پنهنجي پاڻي ۽ علائقن جي مالڪ هئڻ جي حالت ۾ اسلام قبول ڪن تہ اهي سڀ شيون جن تي اسلام قبول ڪندي وقت هنن کي قبضو حاصل هيو هنن جي ملڪيت تسليم ڪيو ويندو- ٻين قبيلن وارن مان ڪنهن کي بہ اهو حق حاصل ناهي تہ هو انهن علائقن ۾ ڪا اهڙي تعمير عمل ۾ آڻين جنهن ذريعي هو انهيءَ سان ڪنهن ٻني باري جي دعويٰ ڪري ويهن، نہ هو انهيءَ علائقي ۾ کوهہ کوٽي ان جي ذريعي ڪنهن حق جا طالب ٿي سگهن ٿا. زمين جي ملڪيت جي باب ۾ قاضي ابويوسف مزيد تحرير فرمائن ٿا:

ارضهم ارض عشر لايخرجون عنها فيما بعد ويتوارثونها ويتبايعونها وکذالک کل بلاء اسلم عليها اهلها فهي لهم وما فيها" (کتاب الخراج صفحو ٦٨)

## ۴- مسلمان علائقن جي ڀني.

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي ياڙيسريءَ غير مسلم قبيلن کي خط مبارڪ لکي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني پاڙيسيري مسلمان قبيلن ۾ مختلف علائقن جي مسلمان حڪمرانن کي جيڪي ”وثيقه جات“ لکيا. انهن جي مطالعي مان اهو معلوم ٿو ٿئي ته انهن ماڻهن کي هيٺين ڳالهين يقين ڏياروي ويندو هو.

الف- انهن علائقن جي حڪمرانن کي سندن حڪمراني کان نہ لاٿو ويندو.

ب: ڌن دولت، عبادتگاهن ۽ خزاني سان ڇيڙڇاڙ نہ ڪئي ويندي.

ج- سيني ايراضين، باغن، دريائن ۽ انهن سان لاڳاپيل شين، چشمن، چراگاهن، هموار يا هيٺاهين، پٿريلي زمين، دڙن ۽ جبلن تي سندن حق آهي، تنهنڪري هنن کي اتان بي دخل نہ ڪيو ويندو.

ان جي صلي ۾ هنن کان هي مطالبو ڪيو ويو تہ هو

(١) الله رب العزت ۽ رسول صلي الله عليه وسلم جن تي ايمان آڻيندا

(٢) نماز قائم ڪندا

(٣) زڪواة ڏيندا

(۴) الله رب العزت ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي اطاعت ڪندا

(۵) مشرڪن سان دوستانہ تعلقات نہ رکندا.

(٦) مسلمانن جي مدد ڪندا. ملاحظہ ٿئي ڪتاب الوثائق السياسيه ڊاڪٽر حميدالله صاحب.

انهن تحفظن ۽ شرطن مان هي ڳالهہ ثابت آهي تہ اسلامي رياست جي طرفان انهن ماڻهن جي علائقن ۾ آباد توڙي غيرآباد ڀني ۾ حڪومت جي طرفان ڪابہ ڇيڙڇاڙ نہ ڪئي وئي ۽ اتان جي اصلي باشندن کي ئي انهن زمينن جو حقدار سمجهيو ويو. انهن ماڻهن کي سندن حقن ۽ ملڪيتن جي حفاظت جو يقين ڏياريو ويو. انهن ماڻهن جي علائقن ۾ غيرآباد ۽ ويران ڀني کي آباد ڪرڻ لاءِ مديني منوره کان ماڻهو نہ آندا ويا ۽ نہ ئي ڪنهن کي اتي ڪا زمين جاگير يا انعام طور ڏني وئي. هي تحفظ انهن ماڻهن کي نہ فقط حضور ڪريم صلي الله

ترجمو: "جيڪڏهن هي ماڻهو صلح ڏانهن جهڪن ته اوهان به جهڪي وڃو ۽ خدا تي ڀروسو ڪريو."

معاهدي تي وڃڻ کان پوءِ سندن ٻنيون، تجارت، صنعت ۽ حرفت مطلب ته هر هڪ شيءِ بدستور بحال رکي ويندي هئي. معاهدي وارن ماڻهن جي ڪنهن به شيءِ سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ يا معاهدي وقت هڪ ٻئي جي رضامندن سان جيڪي ڪجهه فيصلو ٿي ويندو هو ان جي خلاف ورزي ڪرڻ ڪنهن ٻي شيءِ جو طالبو ٿيڻ ڪنهن به صورت ۾ جائز نه سمجهيو ويندو هو." (زرعي نظام صفحو ١٦٣)

هن ڏس ۾ جيتوڻيڪ فقيهن جو اختلاف آهي ته جيڪا فتح ڪيل ٻني ان ملڪ جي اصلي باشندن جي حوالي ڪئي وئي هئي، انهيءَ تي انهن ماڻهن جو مالڪانه حق ٿي ويو هو يا هنن جي حيثيت رڳو اجاره دار جي هئي، ليڪن هن ڳالهه ۾ بهرحال سيني عالمن جو اتفاق آهي ته سندن هي قبضو مالڪ جي حيثيت ۾ هجي، اجاري دار جي حيثيت ۾ ٻنهي صورتن ۾ ڪنهن امام يا خليفي کي هي حق حاصل نه هو ته ڪنهن شرعي سبب کان سواءِ اها ٻني سندن قبضي مان ڪڍي، ٻين کي ڏئي يا بيت المال ۾ داخل ڪري، اهوئي سبب آهي جو جڏهن ڪنهن به وقت جي حاڪم اها ٻني قبضي وارن کان ٻاهر ڪڍڻ جو ارادو ڪيو ٿي ته هر زماني ۾ ان وقت جي عالمن اتفاق ۽ اجماع سان ان ڪم جي مخالفت ڪئي ۽ هن کي پنهنجي ارادي کان باز رکيو. علامه ابن عابدين شامي حنفي رحمته الله عليه هن باري ۾ مختلف عالمن ۽ فقيهن جا رايا نقل ڪندي لکي ٿو.

"هي انهن امامن ۽ فقيهن جو ڪلام جن جي نظر ۾ مصر ۽ شام جون ٻنيون وقف آهن، اهي به هن کي جائز نٿا سمجهن ته جن ماڻهن جي قبضي ۾ جيڪي زمينون مالڪاڻي حق سان قديم زماني کان وٺي هلنديون پيون اچن انهن جو قبضو ختم ڪيو.وڃي اسان جي نظر ۾ اهي ٻنيون جڏهن انهن جي ملڪيت آهن ته انهن کان کسڻ ڪيئن صحيح ٿيندو. بلڪ هي ته نسورو ناحق آهي." (ردالمختار ڪتاب العشر والخراج صفح ٣٥٦ جلد٣ بحواله اسلام کا نظام اراضي: مفتي محمد شفيع صاحب صفحه ٥٢.)

هليا ويا پنهنجون جاگيرون ڇڏي ويا ۽ نيٺ اهي زمينون بہ سنڌ جي اصلي باشندن جي قبضي ۾ اچي ويون، ان مان سڌيئي ڪين ٿيني جو مالڪ نہ بنايو ويو هو بلڪ عارضي طور تي اهي زمينون کين ڏنيون ويون هيون تہ جيئن هو پنهنجو گذارو ڪري سگهن. تنهنڪري هو لڏيندي وقت اهي پنيون وڪڻي بہ نہ سگهيا. مؤلف مطلب تہ سنڌ جون سڀ جون سڀ ٻنيون ملڪ جي اصلي رهاڪن جي انفرادي ملڪيت ۾ رهيون. حڪومت جي استعمال ۾ ٻي ڪابہ ٻني نہ رهي سواءِ ان جي جيڪي شاهي قبضي ۾ هيون يا جيڪي راجائن جي خاص ملڪيتن مان هيون يا غيرآباد زمينون، جن جا مالڪ لاوارث ٿي ويا، يا گم ٿي ويا. جنهن کي فقيهن جي اصطلاح ۾ ايراضي جوز يا ايراضي سلطانيہ يا ايراضي بيت المال چيو ويندو آهي. جن ماڻهن کي جاگير ۾ ڪا ٻني ڏني وئي تہ اها انهن ٻنين مان ئي ڏني وئي." ( اسلام ڪا نظام ارضي. صفحو ۲۲۸)

ايراضي خالصہ يا ايراضي جوز يا ايراضي سلطانيہ يا ايراضي بيت المال وغيره جي سلسلي ۾ تفصيلي حڪم اڳتي اچن ٿا انهن ٻنين مان جيڪي جاگيرون ڪجهہ ماڻهن کي ڏنيون ويون هيون ان جو بہ تفصيل سان ذڪر ٿيندو تہ انهن جاگيرن جي ڪهڙي حيثيت هئي؟ ۽ جيڪڏهن پوک جي مقصد لاءِ اهي زمينون ڏنيون ويون هيون تہ هن سلسلي ۾ ترجيح ڪهڙن ماڻهن کي ڏني وئي؟ هن کان اڳ اها ڳالهہ نهايت واضح طور ۽ صاف ثابت ٿي وئي آهي تہ پوک واري ٻني جيڪا فتح ٿيل هئي يا جنگ کان سواءِ حاصل ٿيل (في) هئي اها سڄي ساري هن ملڪ جي اصل رهاڪن کي ئي ڏني وئي هئي، جيئن جو عراق، شام، مصر ۽ سنڌ جي واقعن مان معلوم ٿيو.

## (۳) معاهدي ڪيل ماڻهن واري ٻني.

زرعي ايراضي جو ٽيون قسم اهو آهي، جيڪو انهن ماڻهن جي علائقي ۾ موجود هو، جن سان معاهدو ٿيل هو. اها ٻني بہ انهن علائقن جي اصلي ماڻهن وٽ رهڻ ڏني وئي، مولانا محمد تقي اميني صاحب تحرير لکي ٿو:

"خلافت جي زماني ۾ جنهن علائقي جا باشندا اسلامي رحمت کي ڏسي معاهدي لاءِ هٿ ڊاڍائيندا هئا تہ انهن سان معاهدو ڪيو ويندو هو، هن سلسلي ۾ قرآن حڪيم جي هي آيت آهي:

ٻنيون اصل رهاڪن وٽ ئي رهڻ ڏنيون ويون. تانجو مسلمان مهاجر جيڪي مڪي کان ٻي گهر ڇڏي مديني ويا هئا ۽ انهن جي ٻنين ۽ جائداد تي مڪي وارن قبضو ڪري ورتو هو، مڪي جي فتح کان پوءِ جڏهن انهن ماڻهن (مهاجرن) رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کان پنهنجي انهيءَ قبضي ٿيل ٻني ۽ جائداد کي واپس ڏيارڻ جي درخواست ڪئي ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن غالبا هن خيال کان درخواست نامنظور فرمائي ڇڏي ته جن شين کي توهان الله تبارڪ وتعاليٰ لاءِ ڇڏي چڪا آهيو هينئر انهن جي واپسي جو مطالبو صحيح ناهي." (زرعي نظام صفحو ٣٦ (بحواله زادالمعاد جلد١ صفحو ٣٢٠)

## سنڌ جي فتح ٿيل ٻني.

مفتي اعظم پاڪستان حضرت مولانا مفتي محمد شفيع مرحوم صدر دارالعلوم ڪراچي سنڌ جي ايراضي جي باري ۾ پنهنجي تحقيق قلمبند ڪندي تحرير فرمائي ٿو:

"مٿين مڪيه تفصيل بيان ڪرڻ سان پڌرو ٿيو ته سنڌ ملڪ تي اسلامي قبضي ٿيڻ کان پوءِ اتان جون زمينون عام طور تي ٻن قسمن ۾ ورهائجي ويون.

(١) جيڪي ماڻهو مسلمان ٿيا انهن جون زمينون بدستور سندن ملڪيت رهيون، انهن تي زمين جي زڪواة يعني عشر لازم ڪيو ويو.

(٢) جيڪي مسلمان نه ٿيا پر صلح عنوة مطيع ٿي ويا انهن جون ٻنيون به هنن جي ملڪيت کان ٻاهر نه ڪڍيون ويون نه مال غنيمت حاصل ڪندڙن ۾ ورهايون ويون. بلڪ شام، عراق ۽ مصر جي ٻنين جي باري ۾ جيڪو حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه جو عمل هو انهيءَ مطابق ٻني جي مالڪن جي ملڪيت جي حق کي بدستور قائم رکي ان جو خراج عام مسلمانن لاءِ دائمي وقف ڪيو ويو.

٣- عربي ۽ شامي سردارن کي جيڪي جاگيرون ڏنيون ويون، اهي ٻني جي ايراضي واري قسم مان نه هيون بلڪ سرڪاري مال گزاري جي صورت مان هيون يا اها ٻني هنن کي جاگير طور ڏني وئي جيڪي راجائن جون شاهي ٻنيون هيون ۽ هينئر انهن تي مسلمانن قبضو ڪيو ۽ يا اهڙيون ٻنيون جن جو ڪو مالڪ نه هو. بهرحال اهي عربي ۽ شامي به جن کي ٻني ڏني وئي هئي اهي انهن جا مالڪ ٿي ويا (بعد ۾ اهي شامي ۽ عربي سردار ۽ فوجي

مسلمانن جي ايندڙ نسلن لاءِ ڪفالت جو سامان پيدا ٿي پيو.

٦- مسلمانن کي خراجي ٻني الاٽ ڪري ان تي خراج وٺڻ مسلمانن لاءِ عار قرار ڏنو ويو تنهنڪري انهن علائقن جي ٻني عام مسلمانن ۾ ورهائي وئي.

٧- قرآن مجيد ۾ آيات "في" (سورة حشرت آيت ٧ کان ١٠) ۾ آئنده نسلن لاءِ زندگيءَ جا اسباب فراهم ڪرڻ هڪ ضروري ڳالهه هئي جنهن کي هن فيصلي ذريعي پورو ڪيو ويو.

## يهودين جي ٻنيءَ بابت حڪم.

حضرت مولانا محمد تقي اميني صاحب وادي القراي جي زمين جي باري ۾ تحقيق ڪندي لکي ٿو:

"وادي القراي شام ۽ مديني وچم خيبر جي رستي تي يهودين جي آبادي هئي....

وادي القراي جي فتح ٿيڻ کان پوءِ ايراضي ۽ نخلستان وغيره اصل باشندن وٽ رهڻ ڏنا ويا ۽ اهڙو ئي معاملو ڪيو ويو. جيڪو خيبر وارن سان مذڪور ٿي چڪو آهي. زرعي نظام صفحو ٣١.

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن بنو نضير جي ٻني مسلمانن ۾ تقسيم فرمائي ڇڏي هئي ڇوتہ اهي ٻني ۽ جائداد ڇڏي ڀڄي ويا هئا. اهڙيءَ طرح بنو قريظہ جي سڄي زمين عهد شڪني جي سزا طور حضرت سعد رضي الله تعاليٰ عنه جي فيصلي مطابق تقسيم ڪئي وئي هئي. اهي ٻئي فيصلا حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم خصوصي حالت مطابق فرمايا هئا.

## مڪي شريف جي ٻني.

مڪو شريف ڪنهن ويڙهہ کان سواءِ فتح ٿيو هو تنهنڪري حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم مڪي شريف جي ٻني اصل رهاڪن وٽ رهڻ ڏني ان کي ورهائڻ نہ فرمايائون- ايستائين جو مهاجرن کي پنهنجي اباڻي جائداد واپس ڪرڻ جي درخواستہ بہ نامنظور فرمائي ڇڏي. حضرت مولانا محمد تقي اميني مڪي معظمہ جي ٻني جي باري ۾ تحرير فرمائي ٿو.

"مڪي فتح ٿيڻ بعد خلافت جي قانون موجب سڀئي ٻنيون الله رب العزت جي ملڪيت قرار ڏنيون ويون ۽ خلافت جي انتظام هيٺ اچي اهي

هن پاليسيءَ تي خلافت راشده خلافت بنو اميہ ۽ خلافت عباس جي دؤر تائين عمل ٿيندو رهيو. حضرت امام مالڪ رحمتہ الله عليه جي زماني ۾ جڏهن ٻني خريد ڪرڻ جي شڪايت ٿي تہ هن

اهڙن ماڻهن تي اعتراض واربو. ماخوذ مقريزي صفحو ١٩٥ (الفاروق صفحو ٢٩٠)

حضرت عمر رضہ جي انهيءَ ڏاهپ ڀري فيصلي ۾ ڪجھہ اهم مصلحتون سمايل هيون جيڪي هي آهن.

١- شام ۽ مصر جا ماڻهو اڳواڻ ئي رومين جا ستايل هئا- هو انهن تي هر قسم جا ظلم ڪندا هئا. ۽ اهڙائي ڪلور ڪسريٰ جي سلطنت طرفان عراقيت تي ڪيا ويندا هئا. حضرت عمر رضہ انهن ماڻهن جي مظلوميت جي احساس ختم ڪرڻ خاطر پهريائين تہ ڪين هن غلامي مان آزادي ڏياري ۽ گڏوگڏ ڪين پنهنجي علائقي جي ٻني پڻ ڏيئي ڇڏي.

٢- جيڪڏهن حجاز جي ماڻهن کي انهن پرڳڻن جي زمين الاٽ ڪئي وڃي ها تہ انهيءَ جو نتيجو اهو نڪري ها تہ ٻاهريان ماڻهو وڏي انگ ۾ "هجرت" ڪري انهن پرڳڻن ۾ آباد ٿيڻ شروع ٿي وڃن ها ۽ ويچارا شامي، عراقي ۽ مصري محروم رهن ۽ سندن احساس محرومي گهٽجڻ بدران ويتر وڌي وڃي.

٣- هڪ فاتح قوم جي حيثيت ۾ حجازين جو رعب ۽ دٻدٻو شامين، مصرين ۽ عراقين تي ويهجي وڃي ها ۽ اهي ماڻهو اڳ وانگر ڪڙمي ٿي، پيا ڳوڙها ڳاڙين ها. اهڙي صورت ۾ هنن جو احساس مظلوميت واري اٽل ڪائي ها، جنهن جي نتيجي ۾ اسلام ۽ ملت جي اڳواڻن سان ويڇا پئجي وڃن ها.

۴- جيڪڏهن انهن علائقن جي ٻني فوجين ۾ ورهائي وڃي ها تہ ان جا نتيجا ڏاڍا اگرا نڪرن ها، فوجي جڏهن پوتار ٻڌجي وڃن ها تہ پوءِ ڪيترن ئي قسمن جا مسئلا ۽ شڪايتون پيدا ٿي پون ها جيڪي مقامي ماڻهن ۾ ڏڪار ۽ نفرت جو ڪارڻ ٿي وڃن ها ۽ جهاد جو جذبو پڻ ٺڏو ٿيڻ شروع ٿئي ها.

۵- هن ٻني کي مجاهدن ۾ ورهائڻ سان رياست کي ڪابہ اپت نہ ٿيندي آهي. جيئن تہ مقامي ماڻهن تي انهيءَ ٻنيءَ جو خراج مقرر ڪيو ويو هو تنهنڪري اها صورت بيت المال لاءِ آمدنيءَ جو وڏو ذريعو ٿي پئي. هن مان

رهڻ ڏني ويندي هئي. (صفحو ٢١)

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي دؤر خلافت ۾ جڏهن عراق شام ۽ مصر جا رومي علائقا فتح ڪيا تہ ان وقت پهريون ڀيرو "في" جي ذريعي حاصل ٿيندڙ مجاهدن ۾ تقسيم نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن ڳالهہ تي انهيءَ وقت موجود اصحاب ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم ۽ حضرت عمر رضہ جي وچ ۾ هن مسئلي تي وقتي طور تي اختلاف بہ ٿي پيو. بهرحال بحث مباحثي کان پوءِ مجلس شوريٰ حضرت عمر رضہ جي فيصلي جي تائيد ڪئي. هن واقعي جو مختلف ڪتابن ۾ تفصيل سان ذڪر آيل آهي، پر اسان هتي ديگهہ کان بچڻ خاطر خلاصو بيان ڪيو آهي. پر جيڪي ڪاهوڙي هن پوري ڪيس جو مطالعو ڪرڻ گهرن تہ هو هيٺ ڏنل ڪتابن مان هن حقيقت جو حال معلوم ڪري سگهن ٿا.

١- ڪتاب الاموال از امام ابو عبيد رحمتہ الله عليه

٢- ڪتاب الخراج از امام ابو يوسف رحمتہ الله عليه

٣- ڪتاب الخراج از يحيٰ بن آدم رحمتہ الله عليه

٤- صحيح بخاري شريف از امام بخاري رحمتہ الله عليه.

مولانا شبلي نعماني، حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي هن فيصلي بابت لکي ٿو:

"حضرت عمر رضہ ملڪ شام تي قبضو ڪندي ئي هن ظالمانہ قانون کي مٽائي ڇڏيو. ملڪ جي فتح ٿيندي ئي گهڻي ڀاڱي رومي تہ ملڪ ڇڏي هليا ويا. باقي جيڪي رهجي ويا، انهن کان قبضي هيٺ آيل زمينون ڇڏايون ويون. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه اهي سيئي زمينون (جيڪي شاهي جاگيرن ۾ هيون يا جن تي رومي آفيسرن جو قبضو هو) واپس ڪري انهن ماڻهن کي ڏيئي ڇڏيون، جيڪي شام جا اصلي باشندا هئا. اهي ٻنيون مسلمان آفيسرن يا فوجي سردارن کي نہ ڏنيون ويون، بلڪ اهو قاعدو ٺاهيو تہ مسلمان ڪنهن بہ حالت ۾ انهن ٻنين تي قبضو حاصل ڪري نٿا سگهن. ايستائين جو جيڪڏهن مسلمان اصلي مالڪن کان ٻني روڪڙ تي خريد ڪرڻ گهرن تہ بہ خريد ڪري نہ پئي سگهيا." (ڪتاب الفاروق از شبلي نعماني صفحو ٢٨٨- ٢٨٩)

## فتح ٿيل علائقن جي ٻنين بابت حڪم.

فتح ڪيل ٻني ان کي چيو ويندو آهي، جيڪا ڪنهن جنگ جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندي هئي. جهڙوڪ مال غنيمت وغيره. مولانا محمد تقي اميني فتح ڪيل ٻني بابت شرعي حڪمن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”مطلب تہ اسلامي نظريي مطابق فتح ڪيل زمين الله تبارڪ وتعاليٰ جي ملڪ قرار ڏني ويندي هئي. اها نہ تہ ڪنهن خاص انسان جي ملڪ هوندي هئي ۽ نہ ڪنهن خاص جماعت جي. خليفو ”امين الله“ هئڻ جي حيثيت ۾ عام مفاد کي آڏو رکندي هنن ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

١- غازين ۾ ٢- اصل باشندن ۾.

جيئن تہ ملڪ ۽ قوم جي حفاظت فوجين جي سپرد هوندي آهي ۽ شروع ۾ فوجين جي پگهارن ۽ ڀتي ڀاڙي جو ڪوبہ انتظام نہ هو، تنهنڪري سندن خدمتن جي عيوضي ۾ فتح ڪيل ٻنين جو ڪجهہ حصو سندن حوالي ڪيو ويندو هو تہ جيئن هو پنهنجي پيٽ قوت لاءِ پاڻ پرا ٿي سگهن ۽ باقي ٻني عام طور تي اصل باشندن وٽ ئي رهڻ ڏني ويندي هئي. پر جڏهن فوجي پنهنجن پيرن تي بيهجي ويا تہ پوءِ انهيءَ حيثيت ۾ فوجين کي ٻني ڏيڻ جو سلسلو ختم ڪيو ويو. جيئن رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم خيبر جي ڪجهہ حصي کان علاوه جنهن کي اهل خيبر ڇڏي هليا ويا هئا، باقي لڳ ڀڳ سموري فتح ڪيل ٻني اصل باشندن وٽ ئي رهڻ ڏني ۽ بعد ۾ سڀ فتح ڪيل ٻنيون اصل باشندن وٽ رهڻ ڏنيون ويون هيون ۽ فوجين کي انهن مان ڪجهہ بہ نہ ڏنو ويو هو. (اسلام ڪا زرعي نظام - صفحو ٢١)

(٢) جنگ وڙهڻ کان سواءِ هٿ اچڻ واري زرعي ايراضي (فيءِ) جا حڪم جيئن تہ مختلف آهن، تنهنڪري ”فيءِ“ جي زمين مان مجاهدن کي ٻني ڏيڻ بند ڪيو ويو.

مولانا محمد تقي اميني لکي ٿو:

”هن ڏس ۾ اها ڳالهہ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ فوجين کي انهيءَ ٻنيءَ مان حصو ڏنو ويندو هو، جيڪا جنگ کان پوءِ فتح ٿيندي هئي، جنهن کي غنيمت چئبو آهي، ۽ جيڪي زمينون ويڙهہ کان سواءِ حاصل ٿي ويندي يون هيون، جنهن کي ”فيءِ“ چئبو آهي اها سڄي ساري زمين اصل باشندن وٽ ئي

۴- مسلمانن جي علائقن جي ٻني
۵- غيرآباد ۽ بنجر ٻني
٦- قدرتي پيدوار واري ٻني

انهن مٿي بيان ڪيل ڇهن قسمن مان صرف آخري قسم يعني قدرتي پيداوار واري زمين جن ۾ چراگاهه، جهنگ ۽ ڪاٺيون هونديون هيون، اهي اسلامي رياست جي حوالي هونديون هيون. اُنهن جي حيثيت قومي ملڪيت وانگر هوندي هئي. عوام جي مفاد خاطر انهن ٻنين کي شخصي ملڪيت ۾ نه ڏنو ويو ته جيئن سڀئي ماڻهو انهن مان ڪارج حاصل ڪري سگهن. پر ان جو انتظام ۽ سارسنڀال رياست جي حوالي هوندي هئي، تفصيلي حڪمن جو فقه جي ڪتابن ۾ اپٽار آهي. هن ڪان سواءِ مٿي بيان ڪيل پنجن قسمن جون زمينون اصلي يعني پراڻن باشندن جي حوالي ڪيون وينديون هيون. البته ڪجهه صورتون اهڙيون هيون، جيڪي انهيءَ عام قانون جي دائري کان ٻاهر هونديون هيون. جنهن مطابق فتح ڪيل علائقن جون اهي ٻنيون جن کي مالڪ، اسلامي فوج سان مقابلي ۽ شڪست کائڻ کان پوءِ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويندا هئا، اهڙيون ٻنيون مجاهدن ۾ ورهايون وينديون هيون. پر ياد رهي ته ان وقت تائين مجاهدن کي ڪوبه معاوضو نه ڏنو ويندو هو، اهڙي طرح ئي غيرآباد ۽ ويران ٻني مان ڪجهه ٽڪر صرف آباد ڪرڻ خاطر ماڻهن کي ڏنا ويندا هئا. ان ۾ مدني ماڻهن (مقامي اصحاب سڳورا) سان گڏ مڪي ماڻهن (مهاجر صحابي سڳورا) کي ٻنين جا ٽڪر ڏنا ويندا هئا. پر اهي ٽڪر آبادي هيٺ نه آڻڻ جي صورت ۾ واپس ٿي سگهيا پئي.

انهن ڪن واقعن کان سواءِ باقي سڀئي ٻنيون انهيءَ علائقي جي اصل ۽ قديم باشندن کي ڏنيون وينديون هيون - پر نبوي دؤر بعد خلافت راشده جي دوران ئي اهي ٻئي صورتون ختم ڪيون ويون ۽ جڏهن فوجي پاڻ پرا ٿي ويا ته هنن لاءِ گذاري الاؤنس مقرر ڪيو ويو ۽ ڪين مال غنيمت مان ٻني ڏيڻ جو سلسلو بند ڪيو ويو. اهڙي ريت خلافت راشده جي دؤر ۾ ٻني جي ٻارن ڏيڻ جو سلسلو بند ڪيو ويو - تانجو زمين جا اهي ٽڪر جيڪي آباد نه ٿي رهيا هئا، اهي به ماڻهن کان واپس ورتا ويا ۽ مختلف علائقن جي ٻني جا حقيقي وارث نيٺ وڃي اهي ماڻهو ٿيا جيڪي قديم ۽ اصلي باشندا هئا٥.

مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي)

مٿي بيان ڪيل واقعن جي مطالعي مان سڌ پوي ٿي ته هڪ فاتح قوم پنهنجي فتح ڪيل علائقن ۾ اتان جي اصلي رهاڪن سان ڪيترو نه وڏو ظلم ۽ تشدد ڪندي هئي. انهن حقيقتن مان جن ظلمن جو اندازو ٿئي ٿو، سي هي آهن.

۱- رومي ۽ ايراني حڪومتون پنهنجن فتح ڪيل علائقن جي سڄي ٻنيءَ تي قبضو ڪنديون هيون.

۲- انهن علائقن جي ٻني اتان جي اصل رهاڪن کي ڏيڻ بدران فوجين، آفيسرن ۽ درٻارين کي ڏنيون وينديون هيون.

۳- انهن علائقن جا قديم باشندا پنهنجي علائقي جي فطري ۽ قانوني ٻني کان محروم ٿي، صرف ڪڙمي بڻجڻ لاءِ مجبور ٿي ويندا هئا. ڪين کي به بنيادي حق حاصل ڪين هئا.

۴- ڪڙمين تي ڦهري ڪلور ڪيا ويندا هئا، سندن حيثيت غلامن جهڙي هئي.

۵- ڪڙمين تي نهايت ڳرا ٽئڪس مڙهيا ويندا هئا، جن جي ادائگي جي منجهن سگهه ڪانه هوندي هئي، تان جو مجبور ٿي، ڪڙمت جو ڪم ڇڏي عبادت گاهن ۽ خانقاهن ۾ پناهه وٺڻ تي مجبور ٿي ويندا هئا.

اسلامي فتوحات کان پوءِ انهن علائقن ۾ زرعي سڌارا آندا ويا، جن جي ذريعي اڳين مڙني خرابين کي ختم ڪيو ويو ۽ آئنده لاءِ به انهن خرابين کي بند ڪرڻ لاءِ انتظام ڪيا ويا.

انهن سڌارن جي ذڪر ڪرڻ کان اڳ اسان کي هن ڳالهه جو جائزو وٺڻو پوندو ته حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ خلفاءِ راشدين جي دؤر ۾ اسلامي رياست جي فتح ڪيل ماتحت علائقن (صوبن) ۾ زرعي نظام جا ڪيترا قسم رائج هئا. اسلامي تاريخ ۽ اسلامي فقه جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته انهيءَ وقت هيٺ بيان ڪيل ڇهن قسمن جون ٻنيون موجود هيون.

۱- فتح ڪيل علائقن جي پوک جي لائق ٻني (غنيمت)

۲- جنگ کان سواءِ فتح ڪيل علائقن جي ٻني (في)

۳- جن علائقن سان معاهدا ٿيل هئا، تن جي ٻني

جي ڪڙمت چڙي ڏني هئي، چو تہ اهي فوجي خدمت لاءِ دلي طرح آماده نہ هئا. نيٺ مجبور ٿي، اهڙن ماڻهن عبادتگاهن ۽ خانقاهن ۾ پناه ورتي هئي." (انساني دنيا پر مسلمانون کي عروج وزوال کا اثر صفحہ ٨٦)

مولانا محمد تقي اميني قديم زميداري ۽ جاگيردارانہ نظام ۾ هارين جي حالت جو جائزو وٺندي لکي ٿو:

ان کان پوءِ زميداري ۽ جاگيرداريءَ ايتري تہ ترقي ڪئي، جو الله رب العزت جي زمين جيڪا سڀني جي مشترڪ هئي ۽ جنهن جا سڀئي ماڻهو (عوام ۽ خاص) مساوات موجب حقدار هئا، اها زمين رڳو زميندارن ۽ جاگيردارن جي هڪ محدود طبقي جي قبضي هيٺ اچي وئي. ڪڙمين جو طبقو ظلم ۽ زاري جي هيٺ چنگهي رهيو هو. هو ارهہ زورائي ۽ زيادتي برداشت ڪرڻ تي مجبور هئو. ڪڙمي نہ تہ پنهنجي آزاد مرضيءَ سان هارپ ڪري پئي سگهيا ۽ نہ وري ڪين اهي ابتدائي حق حاصل هئا، جيڪي هڪڙي شهريءَ کي حاصل هئڻ گهرجن. منجهن جيڪي فطري صلاحيتون ۽ طبعي قابليتون هيون، انهن کي ڪچلي ڪين زرعي غلام بنايو ويو. انهن ٻنهي طبقن مان زميندارن کي تہ هر طرح جي آزادي حاصل هئي، پر هاري هر حيثيت ۾ غلام ۽ بي وس هو. ڪيس هارپ ڇڏي، ڪنهن ٻئي پيشي اختيار ڪرڻ جي اجازت ڪانہ هئي ۽ نہ ڪيس اها سگهہ هئي تہ پنهنجي محنت مان ڪو آرام ۽ نفعو حاصل ڪري سگهي نہ وري ڪيس اهو اختيار هو تہ پنهنجي آقا کي تبديل ڪري سگهي ۽ نہ ڪيس آقا جي رضامندي حاصل هئي." (اسلام جو زرعي نظام صفحو ١١١)

"اهو ئي حال گهٽي پاڳي سڄي رومي ۽ ايراني دنيا جو هو، شام جا عيسائي سندن هم مذهب هئڻ جي باوجود سندن زرعي غلام بڻيل هئا. انهن جي حيثيت ذاتي جائداد واري هئي ۽ زمين جي تبديليءَ سان ڪڙمين جي تبديلي بہ لازمي هوندي هئي يهودين جي حالت انهيءَ کان بہ وڌيڪ بڇڙي هئي، چو تہ اهي غير قوم هئا - مصر ۾ قبطين ۽ ايران ۾ عيسائين جو حال نهايت خراب هو. (اسلام کا زرعي نظام صفحو ٢٣٢ حوالو ڪتاب اموال)

(وڌيڪ تفصيلن لاءِ ڏسو الفاروق شبلي نعماني، اسلام کا زرعي نظام مولانا محمد تقي اميني ۽ "انساني دنيا پر مسلمانون کي عروج وزوال کا اثر"

# پوک لائق ٻني بابت اسلامي رياست جي

## حڪمت عملي.

هن ڪان اڳ جو اسين زمين بابت اسلامي رياست جي مختلف علائقن جي اصلي باشندن جي حقن بابت اسلامي حڪمن ۽ مثالن جو مطالعو ڪريون، اهو نهايت ضروري آهي تہ اسلام کان اڳ دنيا جي ٻن وڏين سلطنتن ايران ۽ روم جي زميني نظام جو مختصر جائزو وٺون تہ جيئن انهيءَ پيٺ مان اسان کي اسلامي رياست جي زرعي پاليسي جي چڱي طرح ڄاڻ پوي، گڏوگڏ اهو بہ معلوم ٿئي تہ هڪ ظالم نظام جي مقابلي ۾ هڪ انصاف ڀريو نظام ڪيئن ٿيندو آهي. حضرت علامہ شبلي نعماني مرحوم اسلام کان اڳ وارن نظامن جو جائزو وٺندي لکي ٿو.

”رومين جڏهن شام ۽ مصر تي قبضو ڪيو تہ اصلي باشندن کان سڀئي زمينون کسي ڪجهہ فوجي آفيسرن کي ۽ ڪجهہ سلطنت جي دربار کي ڏيئي ڇڏيائون. ڪجهہ زمينن کي شاهي جاگير قرار ڏنو ويو تہ ڪجهہ ڪليسا ۽ چرچ لاءِ وقف ڪيون ويون، اصلي باشندن جي قبضي ۾ هڪ چپو زمين بہ نہ رهي. هو صرف ڪڙمت جو حق رکندا هئا. جيڪڏهن زمين جو مالڪ پوک واري زمين ڪنهن ٻئي کي ڏيئي ڇڏيندو هو تہ ٻني سان گڏ ڪڙمي بہ بدلي ٿي ويندو هو ........... پر ڏنو وڃي تہ اهو طريقو رڳو رومي سلطنت لاءِ خاص نہ هو، پر جيستائين اسان کي معلوم آهي تہ سڄي روءِ زمين تي لڳ ڀڳ اهو ئي طريقو جاري هو. يعني تہ زمين جو تمام وڏو حصو آفيسرن، فوج يا دربارين کي جاگير طور ڏنو ويندو هو.“ (ڪتاب الفاروق صفحہ ٢٨٩)

مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي مدظله ايران جي ڪڙمين جي ڏيري حالت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

وڌندڙ ٽيڪس عوام جي چيلهہ چٻي ڪري ڇڏي هئي. ٽيڪسن کان بچڻ ۽ حڪومت جي فوجي خدمت کان جان ڇڏائڻ لاءِ بي شمار هارين زمين

اهي آهن اهي حالتون جن ۾ هن امت جو عظيم مصلح حضرت امام ابن تيميه رحمته الله عليه پيدا ٿيو. هن پنهنجي اکين سان جاهلانه عصبيت جو مشاهدو ڪيو ۽ امت جي زوال جو حشر ڏٺو. هو جڏهن انهن حالتن ۾ شرعي سياست تي ڪتاب لکي ٿو ته ان ۾ مسلمان حاڪمن جي وصفن ۽ شرطن ٿي بحث ڪندي لکي ٿو:

اجتماع القوة والامانة في الناس قليل- لهاذا کان عمر بن الخطاب رضه يقول- اللهم اشکو اليک جلدالفاجر وعجزالثقة- فالواجب في کل ولاية الاصلح بحسبها فاذاتعين رجلان احدهما اعظم امانة، ولاخرة اعظم قوة، قدم انفعهما لتلک الولاية واقلهما ضرارا فيها. (ماخوذ السياسته الشريعته از امام ابن تيميه صفحه ۱۰۰)

ترجمو: "قوت ۽ امانت ٻئي ڪنهن هڪ ماڻهوء ۾ هجن، اهڙا ماڻهو اڄ صفا گهٽ آهن- اهوئي سبب آهي جو حضرت عمر بن خطاب رضه فرمائيندو هو ته "اي الله مان تنهنجي حضور ۾ فاجر جي سختي ۽ ثقه جي عاجزي جو شڪوو ڪريان ٿو. لهاذا هر ولايت هر ملڪ لاءِ بلحاظ وطن جي وڌيڪ بهتر جي تلاش ڪرڻ گهرجي. جڏهن ڪنهن علائقي ڪنهن ملڪ لاءِ امام، والي ۽ حاڪم مقرر ڪرڻ گهرجي ٿو ته اهڙا ٻه ماڻهو ملن ٿا. هڪ امانت دار ۽ ٻيو طاقتور - امام جو فرض آهي ته انهيءَ علائقي ملڪ ۽ ولايت لاءِ انهيءَ کي مقدم رکي، جيڪو انهيءَ علائقي، ملڪ ۽ ولايت لاءِ وڌيڪ مفيد، زياده نفعو پهچائيندڙ هجي ۽ هن کان نقصان جو ڊپ گهٽ ۾ گهٽ هجي."

اڄ ڪلهه هڪ اسلامي رياست ۾ رهندڙ مختلف علائقن (صوبن) جا ماڻهو رياست جي ٻين علائقن جي معاشي وسيلن مان لاڀ حاصل ڪرڻ ۽ سرڪاري ملازمتن وٺڻ لاءِ اتي پهچي وڃن ٿا ۽ مقامي ماڻهن جي رضامندي ۽ سندن ضرورتن جو لحاظ نه ڪندي، ملازمتن ۽ ٻين اختيارن ۽ سهولتن جي ذريعي پنهنجي لاءِ وڌ ۾ وڌ معاشي فائدن جي حاصلات جي ڪوشش ڪندي نظر اچن ٿا.

انهن جي اها ڳالهه اسلامي معاشي حڪمت عمليءَ جي سخت خلاف آهي ۽ ان مان تعصب پيدا ٿئي ٿو ان ڪري رياست کي انهن ڳالهين کي روڪڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ گهرجن.

جيڪي حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ حضرات خلفاءِ راشدين جي دؤر جي حاڪمن ۾ موجود هونديون هيون- اهي نوان حاڪم ماڻهن لاءِ بالڪل اوپرا هئا، تنهنڪري هو انهن کي برداشت نہ ڪري سگهيا. انهيءَ جو رد عمل اهو ٿيو جو قبائليت جي تحريڪ شروع ٿي، عربي عجمي جي وچ ۾ شديد عصبيت اڀري، اڳتي هلي عجمين کي عربن تي فضيلت حاصل هئڻ جي دعويٰ ڪئي وئي- تان جو خانواده پيغمبر (قريش) تي بہ طعن ڪيو ويو، پوءِ هي تحريڪ الحاد ۽ باطنيت جو رنگ اختيار ڪري وئي ۽ اسلام جي اتحاد ۽ خلافت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جون سازشون شروع ٿي ويون، جنهن جي آخري ڪڙي اسلامي خلافت جو ڊهڻ آهي.

هتي هڪ لطيف نڪتو پوشيده آهي تہ عرب حڪمرانن جا عجم ۾ آخر اهي ڪهڙا پرڪار هئا جنهن جي نتيجي ۾ مسلمان امت تائين زوال پهتو؟

انهيءَ جا بعض ڪارڻ هي آهن.

١- هنن خلافت جي جاءِ تي بادشاهت جو نظام قائم ڪيو ۽ شخصي حڪومت جو بنياد وڌائون.

٢- عجمي نون مسلمانن کان اسلام قبول ڪرڻ جي باوجود جزيہ وٺڻ جو حڪم ڏنو ويو.

٣- عجم جا خزانا اتان جي مقامي ماڻهن تي خرچ ڪرڻ بدران پنهنجي مرضيءَ سان دمشق ۾ خرچ ڪيا ويا.

٤- عجم جي ماڻهن کي سرڪاري عهدن کان محروم ڪيو ويو ۽ هر جاءِ تي عرب حڪمران مقرر ڪيا ويا.

٥- حدودالله (الله جي حدن) کي اورانگهيو ويو، اسلامي شريعت کي نظر انداز ڪيو ويو، قانون صرف ٻين لاءِ ٺاهيو ويندو هو.

انهن ڳالهين جو نتيجو اهو نڪتو جو عجم جي ماڻهن ۾ سياسي محرومي ۽ معاشي بدحاليءَ جو شديد احساس اڀرڻ شروع ٿيو. ملحد ۽ اسلام دشمن ماڻهن عجمين جي انهن جذبن مان فائدو وٺندي ڪين اسلام ۽ اهل اسلام کان بدظن ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جون تحريڪون برپا ڪيون. مسلمان حڪمرانن جي غلطين کي مرچ مسالا ڏيئي خوب استعمال ڪيائون تہ جيئن مسلم امت ۾ اختلاف، ڏڦيڙ، ڪروڌ وڌي ۽ نيٺ اسلام کان نفرت پيدا ڪئي وڃي.

ٺيندي جو تون هنن کي ڇڏي ڏين، ڇاڪاڻ تہ هو توکي نٿا چاهين. پوءِ حضرت عمر رضہ عرفجہ کي ازدين تي حاڪم مقرر ڪيو."

بهتر ٿيو جو اهو واقعو حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جهڙي عادل حڪمران جي دور۾ پيش آيو. جيڪڏهن موجوده دؤر ۾ ڪنهن علائقي جا ماڻهو پنهنجي ملڪ جي مرڪزي حڪومت کان اهڙو مطالبو ڪن ها تہ نہ ڄاڻ سندن خلاف ڪيترا الزام هنيا وڃن ها، چون ها تہ اهو مطالبو تہ رياست سان بغاوت ڪرڻ آهي. ۽ اهڙن ماڻهن جي خلاف جهاد جو اعلان ڪيو وڃي ها. نہ صرف ايترو پر اهڙي قسم جي مطالبي کي غير اسلامي عصبيت قرار ڏيئي کين اسلام کان نيڪالي ڏيڻ جو انتظام ڪيو وڃي ها. ليڪن حضرت عمر فاروق جيڪو نهايت عادل ۽ زيرڪ سياستدان بہ هو، ڳالهہ جي ڳُر کي سمجهي ويو. پهريائين قبيلي جي ماڻهن کي حضرت عرفجہ جي فضيلت جو قائل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيائين پر جڏهن ڏٺائين تہ هو ماڻهو پنهنجي ئي قبيلي مان حاڪم مقرر ڪرائڻ لاءِ اصرار ٿا ڪن تہ حضرت عمر رضہ سندن اعتراض کي مناسب سمجهي حضرت عرفجہ کي اتان هٽائي ڇڏيو، حالانڪ کين حضرت عرفجہ جي نيڪي ۽ فضيلت کان انڪار بہ نہ هيو ۽ صرف ايترو چيائون تہ هو اجنبي ۽ ٻئي علائقي جو آهي تنهنڪري اسان کي ڇوٽڪارو ملي. نتيجي ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه، عرفجہ کي پنهنجي ئي قبيلي تي حاڪم مقرر ڪيو ۽ اهڙو مطالبو ڪندڙن تي ناراض نہ ٿيا ۽ نہ بعد ۾ هنن کي ڪا سزا ڏنائون. اهائي اها عظيم الشان حڪمت عملي هئي، جنهن جو سڀ کان پهريائين بنياد حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم رکيو ۽ بعد ۾ حضرات خلفاءِ راشدين ان کي نمونو بنايو. جيستائين مسلمان انهيءَ حڪمت عملي تي هلندا رهيا، تيستائين اسلامي رياست ۾ ڪوبہ اختلاف، انتشار ۽ عليحدگي جي ڪا تحريڪ نہ اڀري سگهي. پر بعد ۾ جڏهن حڪمرانن جو معيار فقط "عربيت" رهجي ويو ۽ هر طرف صرف عربن کي ئي مسلط ڪيو ويو تہ عجم جي ماڻهن ۾ هن پاليسي خلاف بيزاري پيدا ٿي. مختلف علائقن ۽ قومن جا ماڻهو انهن اجنبي ماڻهن کان مطئمن نہ ٿي سگهيا، جيڪي رڳو عربي هجڻ جي آڌار ڪري مٿانئن حاڪم مقرر ڪيا ويندا هئا. حالانڪ انهن حاڪمن ۾ اهي سڀئي خاصيتون موجود ڪين هونديون هيون،

٥٧-٥٨- ازمولانا محمد اسماعيل گوڌروي- معتمد خاص مولانا ابوالڪلام آزاد).

## حضرت عمر جي دؤر جو هڪ اهم واقعو.

حضرت عمر فاروق جي دؤر ۾ هڪ اهم واقعو پيش آيو، ٿيو ائين تہ هڪ علائقي جي ماڻهن پنهنجي علائقي تي مقرر ڪيل حڪمران کي لاهڻ جو مطالبو هن بنياد تي ڪيو تہ هو سندن قوم مان نہ آهي. هن مطالبي کي قبول ڪندي ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي طريقي تي عمل ڪندي حضرت عمر رضہ ان حاڪم کي اتان لاهي ڇڏيو، انهيءَ واقعي جا تفصيل مختصر طور هن ريت آهن.

حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي دوءر ۾ عرفجہ بن هرثمہ کي بجيلہ قبيلي تي حاڪم مقرر فرمايو. انهيءَ تي بجيلہ قبيلي وارا راضي نہ ٿيا ۽ سڀئي گڏجي حضرت عمر رضہ جي خدمت ۾ آيا ۽ ڪيس درخواست ڪيائون.

اعفنا عن عرفجه، فقال (عمر) لا اعفيکم من اقدمکم هجرة واسلاميا واعظمکم بلاءَ واحسانا. قالوا استعمل علينا رجلا منا- ولا تستعمل علينا نزيعا فينا- فارسل عمر الي عرفجه فقال ان هوءُلاءِ استعفوني منک وزعمو انک لست منهُم- في عندک- قال صدقو- وما يسرني اني منهم- انا امروء من الازد......... فقال عمر لايفرک فاعتزلهم ازذکرهو ڪرهوک- ثم امره علي الازد. (ماخوذ تاريخ طبري جلد ٣ صفحہ ٤٦٢- ٤٦٣-)

ترجمو: ”اسان کي عرفجہ جي باري ۾ معاف ڪريو، حضرت عمر فرمايو تہ جيڪو توهان کان هجرت ۽ اسلام ۾ مقدم ۽ آزمائش ۽ احسان ۾ بهتر آهي، مان هن کي توهان کان هٽائي نٿو سگهان- تنهن تي هنن چيو تہ اسان تي اسان مان ئي ڪو ماڻهو حاڪم مقرر فرمايو ۽ اسان تي اجنبي کي حاڪم مقرر نہ فرمايو. انهيءَ تي حضرت عمر رضہ عرفجہ کي گهرايو ۽ چيو تہ هي ماڻهو مون کان طالب آهن تہ آئون تو کي لاهي ڇڏيان سندن چوڻ آهي تہ توهان هنن منجهان ناهيو. هن بابت توهان جو ڇا خيال آهي. عرفجہ چيو تہ هي ماڻهو سچ چون ٿا. اها ڳالهہ منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ناهي تہ مان انهن مان ٿي وڃان. مان تہ قبيلي جو ازدي آهيان. حضرت عمر رضہ فرمايو توکي ڪابہ تڪليف نہ

سگهي. تنهنڪري جن جاين تي انهيءَ عهدي لاءِ مديني منوره مان صاحب صلاحيت حضرات کي بہ موڪليو ويندو هو، پر هي ڪو لازمي قاعدو ۽ قانون ڪونہ هو. ڇوتہ تاريخ اسلام جي مطالعي مان هي ڳالهہ چڱي ريت واضح ٿي چڪي آهي تہ گهڻن علائقن (صوبن) تي اتان جي اصلي باشندن مان ئي والي ۽ معتبر ماڻهن کي عهدن تي برقرار رکيو ويو، ڇوتہ اهي ماڻهو انهيءَ عهدي لاءِ موزون ۽ صلاحيت وارا هوندا هئا. تنهنڪري هاسيڪار انهن کي پنهنجن عهدن تان هٽائي، اهل مدينہ مان ڪنهن کي حاڪم بنائي نہ موڪليو ويو. جيئن اڳواڻ الوثائق السياسيه، مدارج النبوت ۽ بلاغ مبين جي حوالن سان ثابت ٿي چڪو آهي.

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي انهيءَ حڪم مان اها پڻ جاڻ ملي ٿي تہ عاملن جي تقرري جا سيئي حڪم مرڪزي حڪومت جي طرفان جاري ٿيندا هئا، پر هنن جي تقرري کان اڳ انهيءَ علائقي جي ماڻهن جي راءِ ان باري ۾ معلوم ڪئي ويندي هئي ۽ انهن ماڻهن جي ئي تائيد سان، انهن ئي مقامي ماڻهن مان ذمي دار ماڻهو چونڊي عهدن تي مقرر ڪيا ويندا هئا. مرڪز جو ڪم انهن مقامي ماڻهن جي فيصلي جي توثيق ڪرڻ هوندو هو.

ڪن حالتن ۾ اهو اختيار صوبي جي والين کي بہ حاصل هوندو هو، حضرت فاروق اعظم جي دؤر ۾ حضرت عمير بن سعد، حمص جي صوبي جو گورنر هو، جڏهن حضرت عمر کيس اتان جي حالتن جي رپورٽ ڏيڻ لاءِ گهرايو تہ هو مديني شريف تشريف فرما ٿيو، حضرت عمر رضہ ۽ حضرت عمير رضہ جي وچ ۾ جيڪا گفتگو ٿي اها ملاحظہ فرمايو:

”حضرت عمر کيس فرمايو تہ مان توکي ڪٿي ۽ ڇا لاءِ موڪليو هو، هن جواب ڏنو تہ اوهان مون کي جتي موڪليو مان اتان (حمص) ويس، اتان جي سٺن ماڻهن کي مون گڏ ڪيو، ۽ ڪين ڍل وغيره جي اوڳاڙي لاءِ مقرر ڪيو، جيڪا انهن اوڳاڙي ڪئي اها سڀ مان انهن ئي ماڻهن جي ضرورتن تي خرچ ڪئي، جيڪڏهن اوهان مستحق هجو ها تہ اوهان ڏانهن بہ ڏياري موڪليان ها. حضرت فاروق اعظم حضرت عمير جي جواب سان ڏاڍا خوش ٿيا ۽ فرمايائون تہ عمير کي وري انهيءَ عهدي تي مقرر ڪيو وڃي پر عمير انڪار ڪري ڇڏيو. (ورتل مقدمہ سياست شرعيہ (امام ابن تيميہ) صفحہ

عملي تي عمل ٿيندو رهيو، جيڪا حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي دؤر ۾ جاري هئي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه به انهيءَ حڪمت عملي مطابق عمل ڪيو.

حضرت امام ابوحنيفه رحمته الله عليه جو جانشين شاگرد رشيد حضرت امام ابو يوسف لکي ٿو:

كتب عمر بن الخطاب الي اهل الكوفه يبعثون اليه رجلا من اخيرهم و اصلحهم والىٰ اهل البصرة والىٰ اهل الشام كذالک قال فبعث اليه اهل الكوفة عثمان بن فرقد وبعث اليه اهل الشام معنْ بن يزيد وبعث اليه اهل البصره الحجاج بن علاط كلهم سلميون- قال فاستعمل كل واحد منهم علىٰ خراج ارضه. (ڪتاب الخراج امام ابو يوسف ص صفحو ١٢٢)

يعني ”حضرت عمر بن خطاب رضي الله تعاليٰ عنه اهل ڪوفه کي لکي موڪليو ته هو پنهنجن بهترين ۽ موزون ترين ماڻهن مان ڪنهن کي ڏانهس موڪلي ڏين. پاڻ بصري ۽ شام جي ماڻهن کي به اهوئي لکي موڪليو. راوي چئي ٿو ته ڪوفي وارن سندن خدمت ۾ عثمان بن فرقد کي شام وارن معد بن يزيد کي ۽ بصري وارن حجاج بن علاط کي موڪليو، انهن ٽنهي جو تعلق قبيلي سلم سان هو.

راوي چوي ٿو ته انهن مان هر هڪ کي پاڻ انهيءَ علائقي جي خراج جي اوڳاڙ تي مقرر فرمايو.

خلافت راشده ۾ ديوان الخراج سڀ کان وڏو ۽ اهم محڪمو هوندو هو ۽ اسلامي رياست جي آمدنيءَ جو هڪ تمام وڏو حصو خراج مان حاصل ٿيندو هو. موجوده دؤر ۾ مال جو محڪمو- (Revenue department) جي اهميت کان ڪير انڪار ڪري سگهندو. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي دؤر ۾ هن محڪمي جا ڪارندا مقامي ماڻهن مان ئي مقرر ڪيا ويندا هئا. صوبي جي والي (گورنر) کان پوءِ هن محڪمي جا عهدا اهم هوندا هئا. اهي سيئي عهدا به مقامي ماڻهن کي ڏنا ويندا هئا. جيستائين صوبائي حاڪم ۽ والي (گورنر) جي عهدي جو تعلق آهي، سو جيئن ته هي عهدو نهايت اهم هوندو هو، جنهن لاءِ صلاحيت، ديني علم، فوجي مهارت ۽ تقوىٰ جو هجڻ ضروري هو ته جيئن هو صوبي جو انتظام چڱي طرح هلائي

پنهنجي پنهنجي ماڻهن يا قوم جا ذمہ دار ٿي سگهن." انهيءَ حڪم رسالت مطابق انصار پنهنجي قبيلن مان ٻاڻ پنهنجي سردارن کي چونڊيو. يعني ٩ سردار خزرج قبيلي مان ۽ ٣ سردار اوس قبيلي مان- ڪل ١٢ سردار چونڊي ٻاڻ ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ڪيائون ۽ ٻاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کين پنهنجي طرفان مديني جي انصار تي حڪمران جي حيثيت ۾ مقرر فرمايو. هن واقعي مان ڪجهہ قانوني حڪمن جي صورت آڏو اچي ٿي.

١- اسلامي رياست ۾ مختلف قومن ۽ قبيلن جا نمائندا حڪومت ۾ شريڪ ٿيندا آهن.

٢- انهن نمائندن جي تقرري انهن علاقن جي ماڻهن مان ٿيندي آهي.

٣- انهن نمائندن جي چونڊ انهيءَ علاقي جي ماڻهن مان ڪرائي ويندي آهي.

مديني جي انهن نقيبن جي چونڊ کان پوءِ جڏهن هو حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کين خطاب ڪندي فرمايو:

"توهان پنهنجن پنهنجن ماڻهن جا اهڙي طرح ذمہ دار آهيو، جهڙي طرح حضرت عيسىٰ عليه السلام جا حواري سندس آڏو جوابده هئا. جڏهن تہ مان پنهنجي قوم لاءِ ذمي دار آهيان." (نقوش جلد٥ صفحہ٦٢٨ رسول نمبر)

بلاذري جو بيان آهي تہ انهيءَ چونڊ ۽ چونڊ جي توثيق کان پوءِ سيني نقيبن هڪ ٻئي پنيان بيهي ڪري الله رب العزت جي حمد وثنا ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي طرفان مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن سان ڪيل معاهدي ۽ عهد جي وفاداريءَ جو قسم کنيو. (نقوش رسول نمبر جلد٥ ص ٦٢).

اهڙي طرح اسين ڏسون ٿا تہ نقيب جو مقام ۽ مرتبو مديني جي شهري رياست جي معتبر ترين شخصن ۽ مقامي منتظمن جي مقام ۽ مرتبي جهڙو هو- هي ادارو عهد نبوي ۾ آخر تائين ڪم ڪندو رهيو ۽ ان جا نمائندا پنهنجو پنهنجو فرض برابر سر انجام ڏيندا رهيا.

## حضرت عمر رضہ جي دؤر ۾ حڪمت عملي.

حضرت عمر فاروق رضي الله تعالىٰ عنه جي دوءر ۾ بہ انهيءَ حڪمت

مرڪزي حڪومت تي اعتماد بہ قائم رکي سگهن، تنهنڪري انهن سببن ۽ ضرورتن جي ڪري مقامي حاڪمن جي مقرري اٽڙ تي ويندي هئي، انهن تقررين جي سلسلي ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي ڪلي اختيار هوندو هو، پر ان جي باوجود پاڻ سڳورا هميشہ لاءِ مختلف قومن ۽ قبيلن جي ماڻهن جي خواهشن ۽ جذبن جو احترام فرمائيندا هئا ۽ مقامي ماڻهن جي پسند ڪيل معتبرن کي حاڪم مقرر فرمائيندا هئا.

عام طور تي ائين معلوم ٿئي ٿو تہ هر علائقي جي ماڻهن مان انتظام رکندڙن جي چونڊ ٻن بنيادن تي ڪئي ويندي هئي، هڪ اهو تہ هو انتظام ۽ ملڪي ڪاروبار جي پوري ڄاڻ رکندا هجن، ۽ ٻيو اهو تہ ڪين اسلام جي ڪافي معلومات ۽ دين جي ساڃهہ هجي ۽ هو نيڪوڪار ۽ بختاور هجن. هن سلسلي ۾ ذاتي پرهيزگاري ۽ تقويٰ واحد معيار نہ هو، جنهن کي ڏسندي ئي ڪين حاڪم مقرر ڪيو وڃي، جيئن جو بعضي ماڻهو "آيت ان اڪرمڪم عند الله اتقي ڪم"مان استنباط ڪري حڪمران جي اهليت جو شرط صرف تقويٰ ۽ پرهيزگاري ڄاڻائيندا آهن، ۽ ٻين مقدم شرطن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن، سندن هي اجتهاد سراسر غلط تاويل ۽ تفسير باالراءِ جو شاهڪار آهي.

## قومي سردار جو عهدو.

قومي سردار جو ادارو نهايت پراڻو آهي، حضرت موسيٰ عليه السلام بہ يهودين جي ٻارهن قبيلن لاءِ انهن مان ئي نقيب مقرر فرمايا هئا ۽ الله رب العزت هنن لاءِ پاڻيءَ جا ڌار ڌار ٻارهن چشما جاري فرمايا هئا تہ جيئن اهي پنهنجي پاڻيءَ جون ضرورتون پوريون ڪري سگهن. ٻارهن قبيلن لاء ڌار ڌار ٻارهن چشمن جو هجڻ بہ هڪ وڏي حڪمت مطابق هو تہ جيئن اهي قبيلا هڪ ٻئي تي زيادتي نہ ڪري سگهن. جيڪڏهن اهي چشما ٻارهن کان گهٽ هجن ها تہ هنن ۾ پڪ ئي پڪ پاڻيءَ جي ورڇ تي اختلاف پيدا ٿي پوي ها ۽ ڪين هڪ ٻئي جي خلاف شڪايتون اپري اچن ها. الله رب العزت هنن کي ڏچي کان بچائڻ لاءِ ٻارهن چشما جاري فرمائي ڇڏيا. حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي مبارڪ دوءر ۾ بہ اسان کي قبيلن جي نگران جو تصور واضح طور ملي ٿو. حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن بيعت عقبہ وقت مدني مسلمانن کي فرمايو هو تہ "مون وٽ پنهنجا ٻارهن سردار وٺي اچو، جيڪي

ڳالهه تہ هو ماڻهو پنهنجي قوم ۽ علائقي جي حالتن کان بہ چڱي طرح واقف هوندا آهن، تنهنڪري هو ملڪي انتظام هلائڻ جي سٺي صلاحيت رکندا آهن. جيئن تہ اهڙا ماڻهو پنهنجي ذاتي حالت، اخلاق ۽ ڪردار جي لحاظ کان پنهنجي قوم ۾ اڳ ئي مان وارا ۽ پروسي جوڳا هوندا آهن، تنهنڪري ڪين پنهنجي قوم تي حڪمران مقرر ڪرڻ انهيءَ قوم جي دلجوئي لاءِ بہ ضروري هوندو آهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن مختلف قومن ۽ قبيلن تي ٻين علائقن ۽ ٻين قومن جي ماڻهن کي حاڪم ۽ گورنر مقرر ڪيو وڃي تہ انهيءَ عمل مان اهو فائدو ۽ لاڀ حاصل ٿي نٿو سگهي، جيڪو سندن پنهنجن ئي ماڻهن مان حاصل ٿئي ٿو، ٻي ڳالهہ اها تہ اهي ماڻهو ٻي قوم جي ماڻهن سان مانوس نہ ٿيئي ٿي سگهيا، توڙي ڪٿي هو تقويٰ ۽ صلاحيت جي لحاظ کان اعليٰ گڻن جا مالڪ ئي چو نہ هجن. ڇوتہ ٻي قوم جي حاڪم ۽ والي (گورنر) کان اجنبيت ۽ حجاب محسوس ڪرڻ لازم آهي. جڏهن تہ مقامي حاڪم ۽ والي جي صورت ۾ ائين نٿو ٿئي، اها ڳالهہ ڪنهن علائقي جي انتظام ۽ ڪاروبار ۾ رولو وجهي سگهي ٿي ۽ آئنده انهيءَ علائقي ۾ حڪومت لاءِ ناسازگار حالتن جو ڪارڻ ٻڻ.

انهيءَ سونهري اصول جي پاسداري جيٰ نتيجي ۾ هڪ پاسي تہ قبائلي عصبيت جي پيدا ٿيڻ جو امڪان بہ ختم ٿي ويو ۽ ٻئي پاسي مرڪز جي اطاعت بہ رضا خوشيءَ سان ڪئي وئي. انهيءَ اصول جي ذريعي ئي عربن جي معاشري ۾ جتي ڏڦيڙ ۽ انتشار جو واڇو پيو وڃندو هو، اتي مرڪزيت ۽ اجتماعيت جون صفتون نمايان ٿي ويون ۽ خلافت راشده جي دروءر تائين پهچندي پهچندي عرب ۾ هڪ مثالي ۽ مضبوط سياسي نظام قائم ٿي ويو.

مٿي بيان ڪيل سببن کان علاوه عربن جو قومي ۽ قبائلي نظام بہ هن ڳالهہ جو ذمہ دار هو جو ٻاهريان انتظام هلائيندڙ نہ تہ مقامي مسئلن ۽ معاملن کان آگاه ٿي پئي سگهيا ۽ نہ ئي هو انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت رکندڙ هئا. هن کان سواءِ هو مقامي ماڻهن جي دلجاءِ ۽ اطمينان مطابق ڪم بہ نہ ڪري پئي سگهيا.

هر زماني ۽ هر علائقي ۾ اهڙن ماڻهن جي هميشہ ضرورت پئي رهي آهي، جيڪي مقامي مسئلن کي سمجهي حل ڪري سگهن ۽ ماڻهن جو

مفتي محمد شفيع)

## نبوي دؤر جي حڪمت عملي.

حضرات حسنين رضي الله تعاليٰ عنهما پنهنجي مامي هند بن ابي هاله رضي الله تعاليٰ عنه ۽ پنهنجي والد محترم سيدنا حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه کان حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي عادتن ۽ اطوار مبارڪن جي باري ۾ روايت ڪندي چون ٿا:

قال فسالته عن مخرجه. کيف کان يصنع فيه؟ قال کان رسول الله صلي الله عليه وسلم يخزن لسانه الافيما يعنيه ويو لفهم ولا ينفرهم ويکرم کريم کل قوم ويوليه عليهم. (شمائل ترمذي صفحہ ٢٩٠)

ترجمو: ”حضرت حسين رضي الله تعاليٰ عنه جو چوڻ آهي ته مان حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي گهر کان ٻاهر وڃڻ بابت پڇيو ته (حضرت علي رضہ) فرمايو ته حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم ضروري ڳالهين کان سواءِ پنهنجي زبان (مبارڪ) کي محفوظ رکڻ فرمائيندا هئا. ماڻهن جي دل وٺڻ جي ڪوشش فرمائيندا هئا، انهن کي متنفر نه ڪندا هئا هر قوم جي معزز ماڻهوءَ جي عزت فرمائيندا هئا ۽ کيس پنهنجي قوم جو والي (گورنر) مقرر فرمائيندا هئا.“

هي هڪ ڊگهي حديث جو هڪ حصو آهي. انهيءَ حديث مان ظاهر ٿئي ٿو ته هر قوم جي معزز ماڻهوءَ کي پنهنجي ئي قوم جو حاڪم مقرر فرمائڻ، انهيءَ عظيم هستيءَ جو هڪ مبارڪ ۽ ڏاهپ ڀريو معمول آهي جن کي قرآن مجيد.

انک لعليٰ خلق عظيم جي خطاب سان نوازيو آهي.

انهيءَ اصول جي حڪمت ڪهڙي آهي؟

ڏٺو وڃي ته هن اصول ۾ وڏي دانائي سمايل آهي، حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جيڪي خالق ڪائنات جي پيدا ڪيل مخلوق جا به ڪامل مزاج شناس هئا، ڪين اها حقيقت معلوم هئي ته هر قوم جي نفسيات ۾ اهو فطري جذبو موجود آهي ته حڪمران سندن ماڻهن مان ئي مقرر ڪيا وڃن، جن کي هو پاڻ به سڃاڻندا هجن ۽ جن جي هو ڀهريائين عزت ڪندا هجن. ڇوته اهڙن ماڻهن جي اطاعت ڪرڻ ۾ ڪنهن کي به عار محسوس نه ٿيندو آهي. ٻي

ٿو:

"البت ڪنهن خاص علائقي ۾ صوبي تي حڪومت لاءِ انهيءَ علائقي جي ماڻهوءَ کي ترجيح ڏيڻي سگهجي ٿي، جو ان ۾ ڪيترائي فائدا آهن. پر شرط اهو آهي ته منجهس ڪم جي صلاحيت موجود هجي ۽ امانت جي باري ۾ پورو اطمينان هجي." ايضا صفحه ۴۴۹.

مقامي هجڻ بعد ٻئي نمبر تي ماڻهن ۾ صلاحيت جو گڻ هجڻ ٻڻ اهم آهي ۽ گڏوگڏ هو امانت دار به هجي. قرآن مجيد ۾ صلاحيت کي امانت تي به مقدم رکيو ويو آهي.

ان خير من استاجرت القوي الامين. (سورة قصص ۲۸ آيت.)

هن آيت شريف ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جي ٻن وصفن جو ذڪر آيو آهي ۽ مقدم "قوت" آهي ۽ ٻي "امانت" آهي. قوت جو تعلق صلاحيت سان آهي. هن آيت ۾ قوت (صلاحيت) کي مقدم رکڻ جي حڪمت هن حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿي ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ٻئي وصفون گڏ نه هجن ته ڪم جي سلسلي ۾ صلاحيت واري کي مقدم رکيو ويندو ڇوته صلاحيت کان سواءِ صحيح ڪم ٿيڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. حضرت امام ابن تيميه رحمته الله عليه کان جڏهن هن مسئلي بابت پڇيو ويو ته هن گهڻو ڪري حضرت عمر بن عبدالعزيز جي حوالي سان اهو جواب ڏنو ته سندس نظر ۾ قوت (صلاحيت) وارو امانت دار کان افضل آهي ڇوته قوت (صلاحيت) واري جي قوت مسلمانن کي فائدو ڏيندي. ۽ هن ۾ عدم امانت واري وصف سندس نفس کي نقصان پهچائيندي. اهڙي ريت صلاحيت کان وانجهيل شخص جيڪو امانت، دار هجي، سندس ڪمزوريءَ جو نقصان مسلمانن کي ٿيندو ۽ سندس امانت جو فائدو خود سندس نفس کي رسندو. پر جيڪڏهن انهيءَ ڪم جي نوعيت اهڙي هجي جو ان ۾ امانت ۽ تقويٰ جي ضرورت وڌيڪ آهي ته پوءِ امانت دار ۽ پرهيزگار شخص کي قوت واري شخص تي ترجيح ڏني ويندي. جيئن نماز جي امامت ڪرڻ واري شخص يا اهڙي قسم جي ٻي ذميواري لاءِ امانت دار ۽ پرهيزگار هئڻ جو شرف مقدم آهي، پوءِ هن ۾ ڪٿي ٻين وڏن انتظامي عهدن جي صلاحيت ۽ قوت نه هجي."

(تفصيل لاءِ ڏسو احڪام القرآن جلد ۳ صفحه ۸۸- ۸۹. مرتب حضرت مولانا

ڪريو (اهڙا حق جيڪي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي ذمي آهن) تہ عدل (انصاف) سان فيصلو ڪريو. بيشڪ الله تعاليٰ جنهن ڳالهہ جي توهان کي نصيحت فرمائي ٿو اها ڳالهہ نهايت عمدي آهي. (دنيا ۾ اعتبار سان بہ انهيءَ طريقي سان حڪومت سگهاري ٿئي ٿي ۽ آخرت جي لحاظ کان بہ جو جهجهو ثواب ملي ٿو) بيشڪ الله تعاليٰ (توهان جي ڳالهين کي جيڪي امانت ۽ فيصلي جي بابت آهن) خوب ٻڌي ٿو (۽ توهان جي ڪمن کي جيڪي ان سلسلي ۾ توهان ڪريو ٿا) خوب ڏسن ٿا (تہ پوءِ جيڪڏهن گهٽ وڌائي ڪندوءِ تہ ٻڌي ڇڏيو تہ سخت سزا جا حقدار ٿيندؤ).

هي آيتون ڪعبة الله جي ڪنجي بردار عثمان بن طلحہ جي باري ۾ نازل ٿيون، جڏهن مڪي جي فتح بعد بيت الله جون چابيون سندس حوالي ڪيون ويون. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ مڪي جي فتح واري ڏينهن جڏهن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم بيت الله کان ٻاهر تشريف فرما ٿيا تہ سندن زبان مبارڪ تي اهي ئي آيتون هيون. انهيءَ وقت حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه بيت الله جي "سقايہ ۽ سدانہ" جي بنياد تي هي چابي حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان گهري، ليڪن پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم اها درخواست قبول نہ فرمائي ۽ چابي عثمان بن طلحہ کي ڏيئي ڇڏي. (حوالو تفسير مظهري) جيتوڻيڪ ايمان ۽ تقويٰ ۾ هي ٻئي صاحب عثمان بن طلحہ کان مٿي هئا. ايستائين جو عثمان بن طلحہ انهيءَ وقت نئون نئون مسلمان ٿيو هو.

حڪومت جا عهدا ۽ منصب جيڪي ڪجهہ آهن اهي سڀئي الله تبارڪ وتعاليٰ جون امانتون آهن- امانت ۾ خيانت کي حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم نفاق جي علامت قرار ڏيڻ فرمايو آهي.

بخاري ۽ مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ابن عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي روايت سان اچي ٿو تہ سواءِ ڪنهن حق جي ڪنهن شخص کي عهدي ڏيڻ واري کي حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن لعنت جو مستحق قرار ڏنو آهي.(حوالو جمع الفوائد صفحہ٣٢٥) ملخص از تفسير معارف القرآن جلد ٻيون صفحو ٤٤٢ ۽ ٤٤٩).

مقامي ماڻهن کي ترجيح ڏيڻ بابت مولانا مفتي محمد شفيع مرحوم لکي

# انتظامي معاملن ۾ مقامي ماڻهن جا حق.

اسلام جهڙي ريت ٻين سياسي ۽ معاشي معاملن ۾ ڪنهن بہ علائقي جي اصل باشندن کي ترجيح ڏئي ٿو، بالڪل ساڳي طرح انتظامي معاملن ۽ ملازمتن ۾ پڻ مقامي ماڻهن کي ترجيح ڏئي ٿو. هن ڏس ۾ شريعت فقط هڪڙو شرط لاڳو ڪري ٿي تہ واسطيدار ۾ انهيءَ ڪم جي اهليت ۽ قابليت موجود هجي. يعني جڏهن بہ ڪنهن ڪم يا ملازمت ۽ عهدي لاءِ ڪو موزون ماڻهو جيڪو باصلاحيت هجي ۽ مقامي ماڻهن ۾ ملي وڃي تہ اهڙي حالت ۾ ٻئي علائقي جي ماڻهوءَ کي انهيءَ عهدي تي رکڻ جائز ناهي. البتہ جيڪڏهن اهڙي علائقي ۾ ڀَڙُ ماڻهن جي ڪمي سبب وقتي طور ٻين علائقن جي باصلاحيت کي مقرر ڪيو وڃي تان جو اهڙا ماڻهو انهيءَ علائقي ۾ ئي پيدا ٿيڻ شروع ٿين تہ اهڙي حالت ۾ شريعت انهيءَ ڳالهہ جي اجازت ڏي ٿي. انهيءَ ڏس ۾ قرآن مجيد مان اسان کي واضح ۽ روشن هدايتون ملن ٿيون.

ارشادرباني آهي:

ان الله يامرکم ان تو ءدالامانات الیٰ اهلها واذا حڪمتم بين الناس ان تحکموا بالعدل- ان الله يعظکم به، ان الله کان سميعا بصيرا. سورة نساء آيت: ٥٨

ترجمو:- بيشڪ الله تعاليٰ توهان کي فرمائي ٿو تہ پهچايو امانتون، امانتن وارن کي ۽ جڏهن فيصلو ڪرڻ لڳو ماڻهن ۾ تہ فيصلو ڪريو انصاف سان، الله تعاليٰ سٺي نصيحت ڪري ٿو توهان کي بيشڪ الله تعاليٰ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

مفتي اعظم پاڪستان مولانا مفتي محمد شفيع مرحوم پنهنجي تفسير ”معارف القرآن“ ۾ هن آيت سڳوري جو مختصر تفسير هن طرح لکيو آهي.

”(اي حڪومت وارو! توهان جي حڪومت ڪٿي ٿورن تي هجي يا گهڻن تي) بيشڪ توهان کي الله تبارڪ وتعاليٰ هن ڳالهہ جو حڪم ڏي ٿو تہ حقدارن کي سندن حق (جيڪي توهان جي ذمي آهن) پهچائيندا ڪريو ۽ (توهان کي) اهو بہ (حڪم ڏي ٿو) تہ جڏهن (محڪوم) ماڻهن جو فيصلو

جي بنياد تي قائم ڪرڻ چاهي ٿو، اهڙو نظام جنهن ۾ قوم نسل، وطن ۽ زبان جي فرق جي آڌار تي ڪنهن بہ قسم جو تعصب ۽ خود غرضي لاءِ ڪا جاءِ نہ هوندي، اهو قومي نظام جي بجاءِ هڪ اصولي نظام هئڻ گهرجي. جنهن جا دروازا هر انهيءَ انسان لاءِ کليل هجن جيڪو شخص ان جي بنيادي اصولن کي قبول ڪري، جيڪو بہ شخص انهيءَ کي مڃي تہ پوءِ اهو بنا ڪنهن فرق جي پوري طرح حقن جي انهيءَ برادريءَ ۾شريڪ ٿي سگهي، هن نظام ۾ شهريت (Citizenship) جو بنياد پيدائش، نسل ۽ وطن تي نہ رکيو وڃي پر صرف اصولن تي رکيو وڃي، باقي رهيا اهي ماڻهو (قومون) جيڪي انهن اصولن تي مطمئن نہ ٿين يا ڪنهن سبب ڪري ان کي مڃڻ لاءِ هاڪاري نہ ٿين تہ اهڙي صورت ۾ انهن کي مٽائڻ، دٻائڻ ۽ ضم ڪرڻ جي ڪوشش نہ هجي بلڪہ هو مقرر ڪيل حقن (Defined rights) جي تحت هن نظام جي حفاظت (PROTECTION) ۾ رهن ۽ هنن لاءِ هر وقت اهو موقعو کليل هجي تہ ڪين جڏهن بہ انهن اصولن جي صحت ۽ درستيءَ جو اطمينان ٿي وڃي تہ پوءِ هو پل پنهنجي آزاد مرضيءَ سان انهيءَ نظام جا شهري بڻجي سگهن.

اها شيءِ جنهن کي اسين "انسانيت جو اصول" چئون ٿا، اها قوميت جو انڪار نٿي ڪري، بلڪہ ان کي ان جي صحيح فطري حد ۾ رکي ٿي، هن نظام ۾ قومي محبت لاءِ جاءِ آهي پر قومي تعصب لاءِ ڪا جاءِ ڪينهي، قومي خيرخواهي جائز آهي، مگر قومي خود غرضي حرام آهي، قومي آزادي هڪ مڃيل حقيقت آهي، پر هڪ قوم جو ٻي قوم مٿان خودغرضانہ تسلط ڪان انڪار آهي، مگر اهڙي قومي آزادي هرگز تسليم نہ آهي جيڪا انسانيت کي ناقابل عبور سرحدن ۾ ورهائي ڇڏي، اصول انسانيت جو مطالبو هي آهي تہ هر قوم پنهنجي گهر جو انتظام پاڻ ڪري ۽ ڪا قوم بحيثيت قوم جي ٻي قوم جي تابع نہ هجي. پر اهي سڀئي قومون جيڪي انساني تهذيب جي بنيادي اصولن تي متفق ٿي وڃن، انهن جي وچ ۾ انساني ڀلائي ۽ ترقيءَ جي ڪمن ۾ چڱيءَ طرح تعاون هجي. هڪ ٻئي کي لتاڙي اڳتي وڌڻ بدران هڪ ٻئي جو ڀرجهلو ٿجي. پاڻ ۾ فرق پيدا ڪرڻ، تعصب ۽ نفرتون نہ هجن. بلڪہ تهذيب ۽ تمدن ۽ زندگيءَ جي اسباب جي آزادانہ ڏي وٺ هجي ۽ انهيءَ سڌريل نظام زندگي تحت زندگي، بسر ڪرڻ واري دنيا جو هر انسان سڄي دنيا جو شهري

۾ ملن ٿا. جن جو تفصيل سان ذڪر ڊاڪٽر محمد حميدالله صاحب پنهنجي تحقيقي ڪتاب الوثائق السياسيه" ۾ ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ جامع تحقيق ڊاڪٽر محمد ايس مظهر صديقي پنهنجي مقالي "عهد نبوي مين تنظيم رياست وحڪومت" ۾ "مقامي منتظمين" جي عنوان هيٺ ڪيو آهي. جيڪو ڪافي صفحن تي مشتمل آهي. (ڏسو ماهنامہ "نقوش" رسول نمبر) جلد پنجون صفحہ ٦٢٢ صفحہ ٦٣٩ ۽ جلد ٻارهون، ضميمو ٻيو- ٩ صفحو ٣٩ کان ٤٠).

ان ڪري عالم اسلام جو مڃيل محقق جناب ڊاڪٽر محمد حميدالله (حال پئرس) هن سلسلي ۾ پنهنجي راءِ پيش ڪندي لکي ٿو:

جيڪڏهن ڪنهن قبيلي جا ڪجهہ خاندان مسلمان ٿي وڃن ۽ هي نو مسلم بذات خود وڏي طاقت جا مالڪ هجن ۽ معاشي اعتبار سان سگهارا هجن تہ اهڙن نو مسلمن کي آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن جو حڪم هو "فارقوالمشرڪين" يعني غير مسلم مائٽن ۽ واسطي دارن سان هر طرح جا واسطا وڙا ختم ڪريو. شادي مرادي، اندروني قبائلي جنگين ۽ هڪجهڙائي رکندڙ معاملن ۾ مشرڪن سان سندن ڪوبہ تعلق باقي نہ رهي. هو اسلامي تعليم تي عمل ڪن، نماز ۽ زڪواة جي پابندي ڪن ۽ سياسي حيثيت سان مديني سان لاڳو ٿي وڃن. اهڙن ڏورانهين قبيلن کي مقامي خودمختياري بہ حاصل ٿي ويندي هئي ۽ مديني سان سندن تعلق منهنجي نظر ۾ ڪنفيڊريشن کان وڌيڪ نہ هو. تنهنڪري آس پاس ۽ ٻين اسلامي قبيلن يا وستين جي ضرورت وقت حفاظت ڪرڻ، فوجي واهر ۽ مدد پهچائڻ ۽ ٻين غير مسلم قبيلن سان وڙهي پنهنجي حفاظت ۽ سلامتي جا فرض انجام ڏيڻ، اهي سيئي اهڙا ڪم هئا جن جي هدايت تہ مديني کان هوندي هئي ليڪن نگراني ۽ عملي ڪاروائي جو تعلق مقامي نظم سان هو. ان ڪري اهڙا ڪيترائي تفصيلي مثال موجود آهن." ("عهد نبوي مين نظام حڪمراني" صفحہ ٢٧٣)

موجوده دؤر جو هڪ ٻيو محقق ۽ عالم دين مولانا سيد ابوالاعليٰ مودودي صاحب اسلامي رياست سان ٻين قومن جي تعلقات جي نوعيت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"قوم پرستي جي ابتڙ اسلام، انساني زندگيءَ جو نظام خدا پرستي

رضي کي بني اسد تي، سعود بن رجيل اشجعي رضہ کي بني اشجع تي، عامر بن مالڪ، عامري رضہ کي بني عامر، عوف بن مالڪ نصري رضہ کي بني نصر تي، ضحاڪ بن سفيان ڪلابي رضہ کي بني ڪلاب تي، بحيثيت شيخ ۽ سرداريءَ تي بحال رکيو ويو. ( تفصيل لاءِ ڏسڻ فرمايو "مدارج النبوت (فارسي) جلد ٢ باب ٩ صفحہ ٧٢٧ کان ٧٣٧ شايع شده مطبع نول ڪشور ڪان پور يارت.)

انهن صاحبن کان علاوه مختلف علائقن جا جيڪي حڪمران مسلمان ٿيا، تن کي پنهنجن پنهنجن علائقن تي بدستور حڪمران رکيو ويو. جيئن جعفر بن جلندي رضہ کي عمان تي، حارث رضہ ۽ شريح حميري رضہ کي ذڪڻ يمن تي، وائل بن حجر کي حضر موت تي، منفر بن ساري رضہ کي بحرين تي، اسيخت بن عبدالله رضہ کي حضر تي، فرده کي معان تي، اصبع بن عمرو ڪلبي رضہ کي دومة الجندل تي ذوالڪلاع رضہ ۽ ذو عمرو رضہ کي تبع تي، باذان رضہ کي يمن تي، يوحنا بن روجہ رضہ کي ايلہ تي. انهن علائقن جي سرداري (گورنري) لاءِ مدينةالمنوره مان ڪوبہ والي يا حڪمران مقرر نہ ٿيو. (تفصيل لاءِ ڏسڻ فرمايو ڪتاب "بلاغ مبين" مصنف حضرت مولانا حفظ الرحمان سيوهاروي.)

نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم انهن مختلف سردارن ۽ حڪمرانن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ جيڪي خط لکيا، انهن ۾ سيني کي هن ڳالھ جي يقين دهاني ڪرائي وئي تہ:

١- ڪين حڪمراني جي عهدن تي برقرار رکيو ويندو.

٢- سندن مال متاع ۽ خزاني سان هٿ چراند نہ ڪئي ويندي.

٣- سندن علائقن تي سندن ئي قبضو برقرار رهندو ۽ ڪير بہ ان ۾ مداخلت نہ ڪندو.

٤- سندن سيني باغن ۽ بني باري تي سندن قبضو تسليم ڪيو ويندو، انهيءَ شرط سان تہ هو زڪواة ۽ عشر ادا ڪندا.

٥- سندن پهاڙن (معدني ذخيرن) چشمن، واهن (آبي ذريعن)تي سندن ئ تسليم ڪيو ويندو.

مٿي بيان ڪيل مضمونن تي مشتمل فرمان، انهن خطن، فرمانن ۽ وثيقن

عوام جي راءِ جو احترام ڪندا ۽ عوام جي حقيقي اهميت کي نظر انداز نہ ڪري سگهندا آهن.

٩- اسلامي رياست ۾ حڪمران جي حيثيت هڪ خادم وانگر هوندي آهي، حڪمرانن ۾ ڪنهن بہ قسم جو تڪبر ۽ ٻين کان مٿي هجڻ جو احساس نہ هوندو آهي ۽ نہ وري ڪين اهو سمجهڻ صحيح آهي تہ هو معاشري جو اوچو طبقو آهن.

١٠- اسلامي رياست ۾ سڀئي معاملا عدل ۽ انصاف جي اسلامي اصولن مطابق طيءِ ڪيا ويندا آهن. اسلامي معاشري ۾ ڪا هيٺ مٿانهين نہ هوندي آهي. هر حقدار کي پوءِ ڪٿي زوروار و هجي يا اپرو، ڪيس پنهنجو حق ڏيارڻ حڪومت جو اولين فرض آهي.

اسلامي رياست جي مٿي بيان ڪيل خاصيتن جي تائيد ۾ اسلامي تاريخ ۽ اسلامي فقه ۾ بي شمار مثال ملن ٿا، هي هڪ الگ مستقل موضوع آهي. اسين هن وقت صرف پنهنجي ذنل عنوان مطابق اسلامي رياست ۾ علائقائي، انتظامي ۽ سياسي حقن بابت تفصيل سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪنداسين تہ جيئن بحث هيٺ آيل موضوع چڱي ريت واضح ٿي وڃي- اسلامي رياست جي ٻين خوبين ۽ خاصيتن تي ڌار هڪ ڪتاب جي ضرورت آهي.

## نبوت جي مقدس دؤر جا مثال.

خاتم النبيين محمد صلي الله عليه وسلم جي مبارڪ سياسي ۽ حڪومتي نظام جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو تہ واضح طور سامهون اچي ٿو تہ هن مثالي دوءر ۾ مختلف قبيلن ۽ قومن جي سردارن کي جن آنحضرت صلي الله عليه وسلم جي دعوت تي ايمان آندو، پنهنجي پنهنجي قومن جي سرداري تي بحال رکيو ويو ۽ اهڙي ريت جن علائقن جا والي ۽ حڪمران جيڪي اسلام جي آغوش ۾داخل ٿيا انهن کي پنهنجن پنهنجن علائقن تي بدستور والي ۽ حڪمران رکيو ويو.

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمتہ الله عليه پنهنجي مايہ ناز سيرت جي ڪتاب "مدارج النبوت" ۾ قوم جي جن سردارن جو ذڪر ڪيو آهي، انهيءَ مطابق حضرت عدي بن حاتم رضہ کي بني طي قبيلي تي بشر بن سفيان ڪعبي رضہ کي خزاعہ جي شاخ بني ڪعب تي، اياس بن قيس اسد

# اسلامي رياست جون خاصيتون.

انهن ظالمانہ نظامن جي پيٽ ڪرڻ بعد اسلامي رياست جون جيڪي خاصيتون آڏو اچن ٿيون ان جو خلاصو ڪجھ هن ريت آهي.

١- اسلام جي سياسي نظريي مطابق اقتدار اعليٰ جو مالڪ الله رب العزت آهي. جنهن ذات اقدس کي هر شيءِ جو تشريعي ۽ تڪويني اختيار حاصل آهي.

٢- اسلامي رياست ۾ حڪمرانيءَ جو تصور هڪ امانت آهي جنهن کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي حڪمن مطابق هلائڻو آهي.

٣- اسلامي رياست ۾ بيت المال (خزانو) عوام جي امانت سمجهيو ويندو آهي، حڪمران صرف ان جا نگران هوندا هئا. هو انهيءَ کي عوام جي ضرورتن لاءِ استعمال ڪندا آهن.

٤- اسلامي رياست انهن ماڻهن، جن تي فتح حاصل ڪندي آهي يا معاهدو ڪندي آهي، انهن جي زمين ۽ ٻين مالي وسيلن تي ڪوبہ ناجائز قبضو نہ ڪندي آهي پر اهي سڀ شيون مالڪن وٽ رهڻ ڏنيون وينديون آهن.

٥- اسلامي رياست سان ڳانڍاپيل مسلم قومن ۽ انهن جي ملڪن ۽ علائقن کي اندروني طور تي مڪمل سياسي ۽ انتظامي اختيار حاصل هوندا آهن.

٦- اسلامي رياست ڪنهن بہ علائقي مان وصول ٿيندڙ ٽيڪس ڀريائين اتان جي ماڻهن جي ضرورتن تي خرچ ڪندي آهي. جيڪڏهن انهن ماڻهن جي ضرورتن کان ڪجھ بچي وڃي تہ پوءِ انهيءَ کي ٻين ضرورت مندن تائين پهچائڻ جو انتظام ڪندي آهي.

٧- اسلامي رياست ۾ عوام توڙي ڪٽي اهي مسلمان هجن يا غير مسلم انهن کي هڪ جهڙو جاني ۽ مالي تحفظ حاصل هوندو آهي، هن ڏس ۾ انهن جي وچ ۾ ڪوبہ فرق نہ ڪيو ويندو آهي.

٨- اسلامي رياست ۾ عوام کي حڪمران تي تنقيد ڪرڻ، کانئس باز پرس ڪرڻ يا کيس مشوري ڏيڻ جو پورو حق حاصل هوندو آهي. حڪمران

کھوڙن جي نعلن ۾ بہ هيرا جواهر جڙيندا هئا ۽ درُ ديوار بہ ريشم ۽ ڪمخواب سان ڍڪيل هوندا هئا.

ٻيو طبقو، ڪڙمين، ڪاريگرن، اهل حرفت ۽ ننڍن واپارين جو هو. جن جي زندگي نسورو سور ۽ مصيبت هئي. اهي ماڻهو زندگيءَ جي بار، ٽيڪسن، ۽ نذرانن جي ڳري بار هيٺ چنگهي رهيا هئا- هنن جو سنڌ سنڌ ۽ بند بند مطالبن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هو. هو انهيءَ ڪي ٽوڙڻ جي جيتري قدر ڪوشش ڪندا هئا ۽ جيتري قدر هٿ پير هڻندا هئا اوتري قدر وڌيڪ سوگها ٿي ويندا هئا.


## اسلامي تاريخ جا
## ناقابل فراموش واقعا

ترتيب: مولانا محمد رمضان مهيري
هديو:100 رپيا صفحا: 400

- مسلم امت جي تاريخ جا سنهري واقعا
- اخلاق، ڪردار، انسانيت، رواداري، مساوات، سچائي، بهادري، ايثار، تقويٰ، يقين ۽ محبت خداوندي جي رنگ ۾ رنگيل سوين واقعن تي مشتمل ڪتاب.
- مسلم تاريخ جي هزارين ورقن مان چونڊ ايمان افروز واقعا.
- بزرگن ۽ سلف صالحين جي ڪردار جي عجيب غريب ۽ انوکن واقعن تي ٻڌل ڪتاب.
- موجوده انسانيت لاءِ اهڙو آئينو، جنهن ۾ اها پنهنجو چهرو ڏسي، چهري تي لڳل انسانيت دشمن داغن کي صاف ڪرڻ جو اونو ڪري سگهي ٿي.

سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ – 400 / بي يونٽ 4 لطيف آباد – حيدرآباد

ڪي عروج وزوال ڪا اثر" صفحہ ٨٦)

"حڪومت جا ڪارندا ۽ عهديدار عام رعيت ۽ ملڪ جي ماڻهن سان اهڙي تہ سختي ڪندا هئا جو ماڻهو بي وس ٿي پيا هئا. انهن حاڪمن ۽ عهديدارن کي نہ عوام جي جان ومال جي پرواهہ هئي نہ سندن لڄ ۽ حيا جو خيال. ماڻهو شڪايتون ڪندا هئا. پر جن ماڻهن جي هٿن ۾ حڪومت جون واڳون هيون، انهن کي هر قسم جو سک حاصل هو. تان جو عوام اهو چاتو تہ هي اندير نگري سندن مقدر ٿي چڪي آهي ۽ ان کان ڇوٽڪاري جي ڪابہ وات ڪونهي، ڪن حالتن ۾ اهڙي زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏيندا هئا.

انهن ملڪن جي انهيءَ ظالمانہ پاليسيءَ جو مقصد صرف ماتحت قومن ۽ علائقن جو مال دولت ڦٻائڻ هو. اها سڄي مايا حڪمرانن جي زندگيءَ کي وڌ کان وڌ پر عيش بنائڻ لاءِ عوام کان لٽي ڦري، ويندي هئي. انهيءَ ڳالهہ جي تحقيق ڪندي مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي فرمائي ٿو.

"انهيءَ عيش پسند ۽ خرچائو زندگيءَ جو لازمي نتيجو اهو نڪتو جو عوام تي ڳاٽي ٽوڙ محصول ۽ ٽيڪس هنيا ويا. ۽ ماڻهو ادا ڪرڻ جي سگهہ ساري نہ پئي سگهيا. اهڙا نوان نوان قانون جوڙيا ويا جنهن ۾ ڪڙمين، واپارين، ڪاريگرن ۽ ڪاسبين جي چمڙي لاهي گهٽي ۾ گهٽي دولت حاصل ڪئي وڃي. نوبت اچي انهيءَ حد تائين پهتي جو نت نون اضافن ۽ ڳرين ٽيڪسن عوام کي حالون بي حال ڪري ڇڏيو ۽ حڪومت جي مطالبن جي ڪري هٿن جا ڪنڌ جهڪي پيا." (صفحہ ٩٢ - ٩٣)

مولانا ندوي صاحب وڌيڪ فرمائي ٿو.

روم ۽ ايران جي پنهي سلطنتن ۾ هڪ ملڪ ٻن جدا جدا طبقن ۾ ورهائجي ويو هو، ۽ انهن طبقن ۾ بالڪل واضح ۽ نمايان فرق هو. هڪ طبقو بادشاهن، شهزادن، خاص درٻارين ۽ انهن جي خاندان، عزيزن ۽ سندن واسطي دارن ۽ اڳ پوءِ ڪندڙ جاگيردارن ۽ دولت مندن جو هو. اهي ماڻهو سدا بهار گلن جي سيج تي پيا پاسا ورائيندا هئا. سندن گهر جا ماڻهو ۽ ٻار سون چاندي سان رانديون ڪندا هئا ۽ ڪير ۽ گلاب ۾ غسل ڪندا هئا. هي ماڻهو پنهنجي

”مصر ۾ رومي حڪومت جو فقط هڪڙو ئي مول متو هو ته جيئن به ٿي سگهي، رعيت کان مال متاع ڦري لٽي حاڪمن جا پيٽ ڀريا وڃن. ڪين رعيت جي ڀلائي ۽ عوام جي معيار زندگيءَ کي بلند ڪرڻ جو خيال به نه ايندو هو، رعيت جي سڌاري ۽ اخلاق کي درست ڪرڻ ۽ زور وٺائڻ ته وڏي ڳالهه آهي، ڪين ملڪ جي مادي وسيلن کي ترقي ڏيڻ جو به اونو ڪين هو، مصر تي انهن جي حڪومت انهن پرديسين جهڙي حڪومت هئي، جنهن کي فقط پنهنجي طاقت تي ڀروسو هو ۽ محڪوم قوم سان ڪڏهن همدردي جي اظهار جي به ضرورت محسوس نه ڪندا هئا.

ملڪ شام جي حالتن جي باري ۾ جائزو وٺندي مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي فرمائي ٿو:

”شروعات ۾ رومين جو شامين سان سنو ۽ انصاف ڀريو رويو هو. جيتوڻيڪ سندن سلطنت ۾ اندروني ڏڦيڙ موجود هو- پر جڏهن سندن حڪومت پوڙهي ٿي وئي ته انهيءَ بدترين غلاميءَ جي شڪل اختيار ڪري ورتي ۽ خلق سان جيڪو بدترين سلوڪ اختيار ڪري سگهجي ٿو هنن اختيار ڪيو. روم سڌي طرح شام جو الحاق به نه ڪيو ۽ شامين کي ڪڏهن به رومين وانگر شهري حق حاصل نه ٿيا ۽ نه سندن ڏيهه کي رومي سلطنت ۾ سر زمين جو درجو مليو. شامي هميشه غريب الوطن ماڻهن وانگر رعيت ٿي رهيا. گهڻي ڀاڱي ماڻهو سرڪاري ٽيڪس ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي اولاد کي وڪڻڻ تي مجبور ٿيا. ظلم چوٽ چڙهيل هو. غلام بنائڻ ۽ بيگر وٺڻ جو رواج عام هو. انهيءَ بيگر مان رومي حڪومت اهي ادارا ۽ ڪارخانا تعمير ڪيا جيڪي رومين جا ڪارناما سمجهيا وڃن ٿا.

ايران جي حالت بابت مولانا لکي ٿو:

”نت نئين ڏ. ماڻهن جي چيلهه چٻي ڪري ڇڏي هئي. ڪيترن ئي هارين هارپ کان هٿ کڻي ڇڏيو هو. انهن محصولن ۽ حڪومت جي فوجي خدمت انجام ڏيڻ کان بچڻ لاءِ، جنهن سان سندن ڪابه دلچسپي ڪانه هئي، ماڻهن عبادت گاهن ۽ .:انقاهن ۾ پناه ورتي هئي. (”انساني دنيا پر مسلمانون

پيٽ جي باھہ اجھائڻ لاءِ ڊڪيا وتن ۽ ڪين ظالم حڪمرانن جي ظلم کي ختم ڪري اک ڪڻي ڏسڻ جو موقعو بہ نہ ملي سگھي.

ڀارت جو نامياري عالم مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي پنھنجي ڪتاب ”انساني دنيا پر مسلمانون کي عروج و زوال کا اثر“ ۾ جاهليت واري سياسي ۽ معاشي نظام جو جائزو وٺندي لکي ٿو:

”جاهليت واري زماني ۾ خالص آمرانہ حڪومت جو ڏونڪو وڄي رهيو هو- هن زماني جي سياست چڙواڳ بادشاهت هئي. هيءَ بادشاهت گھٽو ڪري مخصوص خاندان جي عظمت تي قائم هوندي هئي، جيئن ايران ۾ هو- اتي آل ساسان جو اهو عقيدو هو تہ حڪومت تي سندن موروثي حق آهي ۽ ڪين خدائي تائيد حاصل آهي، عام رعيت کي بہ ڪوشش ڪري انهيءَ عقيدي جو يقين ڏياريو ويو هو- تنهنڪري ماڻهن بہ انهيءَ صورتحال سان ٺاهہ ڪري ڇڏيو هو........... ڪنهن صورت ۾ بادشاهت ڪنهن خاص ٽولي يا ڪنهن خاص وطن جو حق سمجهي ويندي هئي جيئن رومن امپائر جو عقيدو هو. اتي رومي وطن ۽ رومي قوميت جي عظمت جو بنيادي قانون هو. ٻيون قومون ۽ ٻيا ملڪ انهيءَ قوميت جا غلام هئا. انهن جي حيثيت انهن رڳن ۽ شريانن جي هئي، جن مان رت جاري ٿي پنهنجي مرڪز کي رسندو هو رومي سلطنت هر قانون ۽ هر هڪ جي حق کي نظر انداز ڪري سگهندي هئي، ۽ هر هڪ جي عزت کي ڌوڙ ۾ ملائي سگهندي هئي. هر ظلم ۽ ڏاڍ کي جائز سمجهيو ويندو هو. رومين وارو عقيدو ۽ مذهب اختيار ڪري ۽ حڪومت سان خلوص ۽ وفاداري جي هام هڻي بہ ڪا قوم يا فرد رومين جي جٺ ۽ ستم کان پاڻ بچائي نہ سگهندا هئا. ڪنهن قوم کي حڪومت، خود اختياري يا اندروني خود مختياري جو حق حاصل نہ هو ۽ نہ انهيءَ ڳالهہ جو موقعو هو تہ پنهنجي ملڪ ۾ واجبي حقن مان ڪجهہ فائدو حاصل ڪري سگهن. انهن مفتوح قومن ۽ ملڪن جو حال انهيءَ ڏاچي وانگر هو، جنهن تي ضرورت وقت سواري ڪئي وڃي، هن جو کير ڏهي رڳو ايترو گاهہ پنو ڏنو ويندو هو جنهن سان هوءَ بار کڻي سگهي. (صفحہ ٧٧ - ٧٨)

انهيءَ وقت مصر ۽ شام رومي سلطنت جي ماتحت هئا. انهن ٻنهي ملڪن جي حالت بيان ڪندي مولانا ندوي لکي ٿو:

ڪين ڪڏهن به پنهنجي حقن ڪسجڻ جو ڊپ نه هوندو هو. ڪين ملڪي عهدن ۾ حصو ڏنو ويندو هو، سندن ٻني، باغات، ۽ پاڻيءَ تي سندن حق تسليم ڪيو ويندو هو. ايستائين جو انهن فتح ڪيل ملڪن جي قومن جي ٻنين جي خريداريءَ کان پڻ مسلمانن کي سختيءَ سان جهليو ويو ته جيئن ٻيا ماڻهو هجرت ڪري، انهن علائقن يا ملڪن ۾ آباد ٿيڻ جو ارادو به نه ڪري سگهن. انهيءَ حڪمت عملي مان هڪ مقصد ڪنهن اسلامي رياست ۾ آبادي جي لڏ پلاڻ کي روڪڻ به هوندو هو ته جيئن ڪنهن علائقي يا قوم جي معاشي وسيلن تي برتري حاصل ڪرڻ سان انهيءَ آباديءَ جي ماڻهن ۾ بي چيني ۽ محرومي جو روڳڙو پيدا نه ٿئي ۽ پوءِ ان جي نتيجي ۾ ٻيا سياسي ۽ معاشي مسئلا نه ايرن. هن حڪمت عملي جي تشريح هن ئي ڪتاب جي مختلف بابن ۾ ڪئي وئي آهي.

اسلام جي آمد کان اڳ دنيا ۾ جيڪي ٻه وڏا سياسي نظام رائج هئا، يعني ايراني ۽ ٻيو رومي نظام، ڪجهه علائقن کان سواءِ سڄو عرب انهن جي ماتحت هو- عراق، شام، مصر ۽ ٻيا سڀ ننڍا ملڪ انهن نظامن جو حصو هئا. انهيءَ وقت انهن ماتحت ملڪن جي جيڪا سياسي ۽ معاشي حالت هئي، انهيءَ جو مختصر جائزو هتي پيش ڪرڻ ضروري معلوم ٿئي ٿو ته جيئن اسلامي نظام جي ڀيٽ ۾ انهن نظامن جي سياسي حڪمت عملي پڙهندڙن تي چڱي طرح واضح ٿي سگهي.

اسلام کان اڳ ايران ۽ روم جي سلطنتن جا حڪمران چڙواڳ هوندا هئا، هو پنهنجي ملڪ خاص طور تي فتح ڪيل ۽ قبضي ۾ آيل علائقي کي پنهنجي جاگير قرار ڏيندا هئا. ماتحت ملڪن ۽ علائقن جي عوام کي ٽئين درجي جو شهري به نه مڃيو ويندو هو. سندن حيثيت غلامن جهڙي هوندي هئي. ڪانئن جانورن وانگر ڪم ورتو ويندو هو ان جي مزدوري ۾ اهڙن مظلومن کي رڳو پيٽ جي باهه اجهائڻ ۽ اگهاڙي انگ ڍڪڻ جو حق حاصل هوندو هو.

انهن حڪمرانن جو مقصد اهو هوندو هو ته ماتحت قومن ۽ علائقن جي دولت کي ڦٻائجي، تنهنڪري هو عوام تي نهايت ڳرا ٽيڪس مڙهيندا هئا ته جيئن عوام خوش حالي ۽ آسودگيءَ جو منهن مور نه ڏسي سگهن ۽ ڏينهن رات

اندروني طرح هر قسم جو سياسي ۽ معاشي تحفظ حاصل هوندو هو. ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو تہ ڪنهن علائقي جي الحاق ڪان پوءِ انهيءَ علائقي جي ماڻهن کي اتان جي حڪمرانيءَ کان محروم ڪيو ويو هجي يا سندن علائقي جي زمين ۽ مالي وسيلن تي قبضو ڪيو ويو هجي، بلڪ انهن مختلف علائقن جي قومن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ وقت هن ڳالھ جو يقين ڏياريو ويندو هو تہ مسلمانن جو سندن مال، اسباب ۽ عهدن سان ڪو غرض ناهي. هڪ علائقي جي ماليات، زمين ۽ باغن، پاڻي ۽ سياسي ۽ انتظامي عهدن سان مسلمانن کي ڪابہ دلچسپي ناهي، اهي سڀئي شيون بدستور مقامي ماڻهن وٽ ئي رهنديون ۽ انهن ۾ ڪابہ ڇيڙڇاڙ ڪانہ ڪئي ويندي. مسلمان انهن کان صرف هن ڳالھ جو مطالبو ڪندا هئا تہ هو الله رب العزت جي توحيد ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي تعليم تي ايمان آڻي، انهيءَ تي عمل ڪندا.

سڄي اسلامي تاريخ جا ورق هن حقيقت تي گواهہ آهن تہ ڪڏهن بہ گڏيل علائقن جي قومن جي زمين ۽ ٻين معاشي وسيلن تي قبضو ڪرڻ لاءِ مديني منوره کان مسلمانن کي هجرت ڪرائي آباد نہ ڪيو ويو، نہ انهن ماڻهن کي اتي وڏا وڏا عهدا ڏيئي، مقامي ماڻهن تي ٺاڦيو ويو.

اسلام جي سياسي اورچائي جو هي شاندار اصول ڪنهن بہ قوم يا مذهب جي سياسي دستور ۾ اسان کي ڳولهيو نٿو لڀي، ان جي ابتڙ ٻيون قومون جڏهن بہ ڪو علائقو يا ملڪ فتح ڪنديون هيون تہ اتان جي ماڻهن کي حڪوم ۽ مغلوب بنائڻ لاءِ فاتح قوم پنهنجي ماڻهن کي اتي وڏا وڏا عهدا ۽ ٻنيون ڏيئي آباد ڪنديون هيون.

اسلامي دؤر ۾ جيڪي علائقا ۽ ملڪ قوت جي زور تي حاصل ٿيندا هئا ۽ اتان جا ماڻهو جنگ ۾ شڪست کائڻ بعد ذمي ٿي رهڻ قبول ڪندا هئا يا ڪنهن صلح ۽ معاهدي جي صورت ۾ اسلامي رياست جا ماتحت رهڻ جو فيصلو ڪندا هئا تہ اهڙي حالت ۾ بہ انهن علائقن جي ماڻهن کي اهي سڀ تحفظ حاصل هوندا هئا، جيڪي ٻين ملحق مسلم علائقن جي ماڻهن کي حاصل هوندا هئا. غير مسلم ذمين يا جن ماڻهن سان معاهدو ڪيو ويندو هو، انهن کي ٻئي درجي جو شهري نہ بنايو ويندو هو. بلڪ اسلامي معاشري ۾ سندن مقام بلند هوندو هو ۽ هو وڏي عزت ۽ سڪون سان زندگي گذاريندا هئا.

# اسلامي رياست ۾ علائقائي، سياسي ۽ انتظامي حقن جو نظريو.

اسلام اهو واحد دين آهي، جنهن ۾ سيني نظامن جي پيٺ ۾ اقتدار جي حاصلات، حڪومت ۽ فتوحات جو تصور بالڪل نرالو آهي. اسلامي نظريي موجب فتوحات جو اڪيلو مقصد اهو هوندو آهي تہ الله رب العزت جي ٻانهن کي انسانن جي غلامي کان آزاد ڪرائي، الله جي بندگيءَ ۾ داخل ڪيو وڃي.

حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ خلفاءِ راشدين جي سياڳي دوءِر ۾ جيڪي فتحون حاصل ٿيون، انهن جو مول متو سلطنت کي ڪشادو ڪرڻ يا شهنشاهت قائم ڪرڻ يا مال ۽ دولت جو حاصلات ۽ شان ۽ شوڪت ۾ واڌارو ڪرڻ نہ هو، بلڪ اصل نصب العين دنيا ۾ توحيد جي تعليم، الله رب العزت جي بندگي ۽ پاڪ پيغمبرن جي هدايتن مطابق انساني زندگين کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ هو. انهيءَ جو ثبوت اسان کي هن حقيقت مان ملي ٿو تہ حضرات خلفاء راشدين رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين، جيڪي معلوم دنيا جي هڪ وڏي حصي تي حڪمران رهيا، سندن ذاتي زندگي فقيري ۽ درويشي جو اعليٰ نمونو هني. انهن جي ماتحت حڪومت هلائڻ وارا ڪارندا، عامل، رياست جا والي، صوبن جا گورنر نهايت سادي زندگي گذاريندا هئا.

فتح ڪيل علائقن مان مال ۽ دولت ميڙي آڻڻ سندن وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو. تنهنڪري انهن مختلف علائقن جا حڪمران حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ حضرات خلفاء راشدين جي تعليم مطابق هر علائقي جي ڍل ۽ وصولي وغيره جتان وصول ڪندا هئا، اها اتي جي ئي ضرورت مندن تي خرچ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ هٿين خالي مدينة المنوره ۾ حاضر ٿيندا هئا. تفصيل لاءِ ڏسو ”باب ماليات جي ورچ جا حق.“

انهيءَ سونهري دوءِر ۾ جن قومن يا قبيلن اسلام قبول ڪري، پنهنجي رضامنديءَ سان اسلامي رياست سان الحاق ڪيو، انهن قومن ۽ علائقن کي

جي پيٽ ۾ فرضن جو وجود بہ لازمي هوندو آهي. انهيءَ قسم جي حقن ۾ وڏيڪ پڻ سيني ماڻهن جي وچ ۾ مساوات ۽ برابري نہ، پر تفاوت هوندا آهن، انهيءَ قسم جي حقن ۾ والدين جا اولاد تي ۽ اولاد جا والدين تي حق، مڙس جا زال تي ۽ زال جا مڙس تي حق، ڀين ماٽن جا هڪ ٻئي تي حق، پاڙيسرين جا پاڙيسرين تي حق، راعي ۽ رعايا جا هڪ ٻئي تي حق، مزدور ۽ مالڪ، خريدار ۽ دوڪاندار، شاگرد ۽ استاد، مريض ۽ طبيب وغيره جي حيثيت ۽ هڪ ٻئي تي حق شامل آهن. انهن ۾ اهي حق بہ ڳڻي سگهجن ٿا، جيڪي دين ۽ مذهب جي سبب وجود ۾ ايندا آهن ۽ هڪ دين ۽ مذهب کي مڃڻ وارن تي هڪ ٻئي تي لازم ٿي ويندا آهن. اهڙي ريت ڪنهن خاص علائقي ۾ قديمي رهندڙ هم وطن هجڻ ۽ ٻاهران اچي آباد ٿيندڙ (Settler) جي حيثيت سان بہ جدا جدا حق لازم ٿين ٿا.

مٿي بيان ڪيل نسبتن ۽ حيثيتن جي آڌار تي جيڪي مختلف قسم جا حق آڏو اچن ٿا جيئن تہ اهي سڀ نسبتون ۽ حيثيتون سيني انسانن ۾ هڪ جهڙيون ۽ برابر نہ هونديون آهن، تنهنڪري اهي حق بہ سيني تي هڪجهڙا ۽ برابر لاڳو نٿا ٿين. انهن حقن جو تعلق جيئن تہ ڪنهن حيثيت ۽ نسبت جي ڪري هوندو آهي، تنهنڪري انهن حقن کي نسبتي حق حقوق چئبو وجي ٿو.

جيئن انساني معاشري ۾ عدل جو تعلق انهن ٻنهي قسمن جي حقن جي ڪامل تحفظ سان لاڳاپيل آهي ان ڪري قرآن مجيد ۽ حديث شريف کان سواءِ خلفاءِ راشدين جي دور ۾ پيش ايندڙ واقعن، مثالن ۽ مجتهدن جي مرتب ڪيل فقه ۾ اهي سيئي حڪم ڪنهن نہ ڪنهن ريت بيان ٿيل آهن. جيستائين اردو ۽ اسلامي لٽريچر جو تعلق آهي تہ ان ۾ انساني حقن توڙي نسبتي حقن جو چڱو موچارو ذڪر ملي ٿو. البتہ اڄ سوڌو اردو توڙي عربيءَ ۾ ڪو اهڙو ڪتاب مرتب شده شڪل ۾ ملي نہ سگهيو جنهن ۾ ڪنهن خاص علائقي ۾ قديم رهائش اختيار ڪندڙ ماڻهن ۽ ٻاهران اچي آباد ٿيندڙن جي حقن جي تفصيل موجود هجي.

# اسلامي شريعت ۾ حقن جا قسم

سڀ کان ضروري آهي تہ اسلام جي حوالي سان ڪجھ انهن قانوني حقن جو ذڪر ڪيو وڃي جن جو تحفظ اسلامي حڪومت لاءِ ضروري آهي ۽ انهن اصولن جي چڱي طرح حفاظت ۽ نگراني جو نالو ئي نظام عدل آهي.

اهي حق دراصل ٽن قسمن ۾ ورهايل آهن.

پهريون قسم اهو آهي جن کي انساني، فطري ۽ بنيادي حق ڪوٺيو ويندو آهي. جيئن تہ اهي حق هر انسان کي بحيثيت انسان جي حاصل ٿيا آهن تنهنڪري انهن کي انساني حق سڏيو وڃي ٿو. انهن حقن ۾ دنيا جا سمورا انسان بنا ڪنهن ويڇي ۽ فرق جي شريڪ آهن. ۽ جيئن تہ اهي حق انسان کي سندس بنا ڪنهن ڪوشش جي بلڪہ قدرت جي فطري نظام تحت حاصل ٿين ٿا، ٻين لفظن ۾ هر انسان لاءِ هي قدرت جو عام عطيو هوندا آهن، تنهنڪري انهن کي قدرتي ۽ فطري حق بہ چيو وڃي ٿو، اسلام جي نظر ۾ انهيءَ قسم جي حقن ۾ ڪنهن بہ انسان کي ٻئي انسان تي ڪابہ ترجيح ۽ فوقيت حاصل ناهي، بلڪہ سيئي انسان انهيءَ ۾ برابر جا شريڪ آهن. انهن حقن جو مثال طبعي عمر تائين امن ۽ اطمينان سان زنده رهڻ جو حق، فڪر ۽ عمل وغيره جي آزاديءَ جو حق، ملڪيت جو حق ۽ قدرتي شين مان فائدي ماڻڻ جو حق شامل آهي، ٻئي قسم جا حق اهي آهن، جيڪي ماڻهن کي رڳو انسان هئڻ جي حيثيت سان نہ، پر دين ۽ ملت جي بنياد تي حاصل ٿيندا آهن.

مثال طور ڪوبہ غيرمسلم اسلامي رياست ۾ مملڪت جو صدر، فوجن جو سربراه يا چيف جسٽس تي نٿو سگهي. يعني ڪين اهي ---م اهم ۽ نازڪ عهدا ڏيئي نٿا سگهجن. اهو امتياز رڳو دين جي بنياد تي قائم آهي.

ٽئين قسم جا حق اهي آهن، جيڪي معاشري جي فردن کي محض انسان جي حيثيت سان نہ، پر ٻين مختلف حيثيتن جي ڪري حاصل ٿيندا آهن. اهي حيثيتون مٿي مائٽيءَ جي رشتن جي آڌار تي بہ وجود ۾ ايندڙيون آهن ۽ مختلف معاشرتي وتمدني واسطن وڙن جي آڌار تي پڻ، بهرحال انهن رشتن ۽ معاشرتي حيثيتن جي آڌار تي ماڻهن کي جيڪي حق حاصل هوندا آهن، انهن

رابطا رکي، سندن مشورن مان استفادو ڪندي، هي ڪتاب جوڙيو آهي، جيڪو هن مسئلي تي عربي اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ شايد پهريون ڪتاب آهي.

جيئن تہ عام طور سان اسان وٽ اهو ذهن تهيل آهي تہ اسلام جو علائقائي حقن سان ڪو واسطو وڙو ناهي، ڏسٽا وائسٽا ۽ سياڻا سيبتا مذهبي ماڻهو بہ علائقائي مسئلن کي اسلام ۽ مسلم ملت جي تصور جي ابتڙ سمجهن ٿا. سندن اها ساري سوچ فڪري جمود ۽ اسلام جي گهري مطالعي نہ هجڻ جو نتيجو آهي. زير نظر ڪتاب جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ اسان جي امامن ۽ فقيهن انهن مسئلن تي ڪهڙو نہ سٺو ۽ عمدو بحث ڪيو آهي ۽ مرڪزي حڪومت ۽ رياست ۾ علائقائي حقن جو تعين ڪري، اسلامي نظام کي ڪهڙي نہ عادلانہ ۽ سهڻي نموني سان پيش ڪيو آهي.

منهنجي هن محنت جي نتيجي ۾ جيڪڏهن اسلام بابت غلط فهمين جو شڪار ڪجهہ نوجوانن جو بہ اسلام تي اعتماد بحال ٿيو تہ آئون ان کي پنهنجي محنت جو هڙ حاصل سمجهندس.

منهنجي هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو پروفيسر اسدالله ڀٽو صاحب شروع ڪيو هو، پر موصوف ترجمو پورو نہ ڪري سگهيو ۽ انتقال ڪري ويو ڪتاب جو رهيل ترجمو هڪ ٻن دوستن ڪيو آهي. پر ترجمي تي نظرثانيءَ جو ڪم محترم محمد موسيٰ ڀٽو صاحب ڪيو آهي، هن صاحب ڪتاب لاءِ سٺو مهاڳ پڻ لکيو آهي، جنهن ۾ مسئلي جو تجزيو ڪري لائين پڻ ڏني آهي. منهنجي هن ڪتاب لاءِ بيداري جو خاص نمبر ڪڍڻ ۽ ان کي ڪتابي صورت ۾ شائع ڪرڻ لاءِ پڻ آئون سندس ٿورائتو آهيان.

زمينن، ملازمتن ۽ ٻين معاشي وسيلن تي قبضو ڪن ٿا. اهو سڀ ڪجهه اهڙي حالت ۾ ٿئي ٿو، جو انهيءَ علائقي جا قديم باشندا اتان جي ٻنين ۽ ٻين معاشي حقن جا وڌيڪ مستحق آهن ۽ سرڪاري ملازمت لاءِ پڻ وڌيڪ صلاحيت رکندڙ آهن. وڏي صوبي سان واسطو رکندڙ طاقتور فرد مقامي ماڻهن جي دانهن ڪوڪن کي ٻڌڻ کان سواءِ مٿن مسلط ٿي وڃن ٿا ۽ افسوس اهو آهي ته اهو سڀ ڪجهه اسلام جي نالي ۾ ئي ٿئي ٿو. هن سلسلي ۾ غلط سرڪاري پاليسي ۽ رشوت خور آفيسر سندن واهرو ثابت ٿين ٿا. انهيءَ پاليسيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته وڏي صوبي جي ماڻهن خلاف مقامي ماڻهن ۾ نفرت پڻ وڌي آهي ۽ علائقائي تعصب کي هٿي پڻ ملي آهي ۽ اسلامي وحدت جي تصور کي ڪاپاري ڌڪ پڻ لڳو آهي.

پيو نقطه نگاه نيشنلزم سان واسطو رکندڙ انهن فردن جو آهي، جيڪي اسلام خلافُ سخت تعصب ۾ مبتلا آهن، اهي انهن ناانصافين کي بنياد بنائي مقامي ماڻهن ۾ اهو احساس اڀاريندا رهن ٿا ته ٻاهرن ماڻهن جو اهو غاصبانه ۽ ظالمانه قبضو اسلام ۽ اسلامي وحدت جي تصور جو ئي نتيجو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو سڀ ڪجهه اسلام جي نانءُ تي ئي ٿي رهيو آهي.

سندن اهو پڻ چوڻ آهي ته اسلام ته فقط ڪن عقيدن ۽ پوڄا پاٺ جو نالو آهي. ان ڪري اسلام ۾علائقائي حقن جو تقرر ٿيڻ ناممڪن آهي.

اها اها تشويشناڪ صورتحال آهي، جيڪا مسلمان رياست ۾ پيدا ٿي آهي، ان ڪري ضرورت هئي ته علائقائي مسئلن ۽ حقن بابت اسلام جي موقف کي قرآن سنت، خلفاءِ راشدين جي دور حڪومت جي مثالن ۽ امت جي فقيهن ۽ امامن جي اجتهادي قولن جي روشني ۾ بيان ڪري، هڪ پاسي ته اسلام جي عادلانه نظام کي مثبت ۽ مؤثر طور پيش ڪجي ٻي پاسي اسلام بابت نئين نسل جي غلط فهمين کي دور ڪجي، ٽين پاسي قومي سطح جي ذاهن ۽ سرڪاري پاليسي ساز آفيسرن، حڪمرانن ۽ سياسي جماعتن کي پڻ ان ڏس ۾ صحيح اسلامي موقف بابت لائين ڏجي. انهيءَ ضرورت کي آڏو رکندي مون اٺن سالن تائين ملڪ جي هر مڪتب فڪر جي عالمن سان لڳاتار

ڪي تحقيق جي دوران هر قسم جون سهولتون فراهم ڪيون.

آخر ۾ انهن مڙني صاحبن جو بہ شڪر ادا ڪريان ٿو، جن هن ڪتاب جي اشاعت ۾ تعاون فرمايو، جنهن جي نتيجي ۾ منهنجي هن ڪوشش کي ڪاميابي نصيب ٿي.

## مصنف پاران
## (سنڌي ايڊيشن لاءِ)

موجوده دؤر ۾ اسلام جي خلاف بي شمار فتنا، اسلام جي سياسي ۽ معاشي نظامن تي اعتراضن ۽ شڪن شبهن جي صورت ۾ ظاهر ٿي رهيا آهن، جيئن تہ جديد تعليم يافتہ صاحبن جي گهڻائي دين جي علم کان اڻ ڄاڻ آهي، ان ڪري اهي اسلام بابت شڪن ۾ مبتلا ٿيو وڃن، تنهنڪري ضرورت محسوس ٿي تہ ڪين علائقائي مسئلن بابت اسلام جي موقف کان واقف ڪجي تہ جيئن اهي بہ اسلامي نظرين جي صحيح ترجماني ڪري، عام مسلمانن خاص طور نوجوانن کي لاڀ پهچائي سگهن.

موجوده فتنن مان هڪ وڏي فتني علائقائي معاشي حقن جي حقيقي تعين نہ هئڻ جي نتيجي ۾ منهن ڪڍيو آهي. انهيءَ جي آڙ وٺي لادين قوم پرست نظرين کي هٿي ملي آهي، جنهن سان مسلم ملت جي اتحاد کي سخت ڇيهو رسيو آهي.

علائقائي مسئلن بابت اسان وٽ بہ نقطہ نگاه موجود آهن. هڪڙا اهي ماڻهو آهن، جن جو چوڻ آهي تہ ”ڪل مومن اخوه“ موجب هڪ ملڪ جي مختلف علائقن ۾ رهندڙ سڀني فردن کي هڪ جهڙا معاشي حق حاصل آهن ۽ ملڪ جي مختلف علائقن ۾ وسندڙ قديم باشندن کي مقامي وسيلن مان استفادي ڪرڻ جو ڪوبہ ترجيحي حق حاصل ناهي. انهيءَ نقطہ نگاه جي ڪري وڏي علائقي جا ماڻهو ننڍين علائقن ۾ آباد ٿي، اتان جي سرڪاري

# مصنف پاران

## (اردو ايڊيشن لاءِ)

هن ڪتاب جي ترتيب ۽ جوڙجڪ ۾ جن دوستن ۽ بزرگن جي تائيد ۽ رهنمائي ملندي رهي، تن جو ذڪر نہ ڪرڻ ناشڪري ٿيندي.

آئون هن نازڪ ۽ نهايت مشڪل علمي موضوع تي قلم کڻڻ جي سگهہ سارڻ ڪان پهريائين ڪيترن ئي عالمن سڳورن جي خدمت ۾ وقت بوقت حاضر ٿيندو رهيس ۽ سندن خدمت ۾ هن موضوع تي ڪجهہ لکڻ بابت عرض ڪندو رهيس، پر افسوس تہ منهنجي اها آس پوري نہ ٿي سگهي. البتہ انهن ملاقاتن ۾ ٿيندڙ گفتگو جي ذريعي جيڪا رهنمائي ملي، انهيءَ مان، مان هن ڪتاب جي ترتيب ۽ جوڙجڪ ۾ ضرور لاڀ حاصل ڪيو آهي.

منهنجي انهن محسنن ۾ حضرت مولانا سيد حامد ميان مرحوم مهتمم جامعہ مدنيہ لاهور ۽ اڳوڻو امير جمعية العلماءِ اسلام، مولانا مفتي سياح الدين صاحب ڪاڪا خيل مرحوم مهتمم مدرسہ اشاعت العلوم فيصل آباد ۽ ممبر اسلامي نظرياتي ڪاوءنسل مولانا محمد حنيف ندوي مرحوم اڳوڻو ڊائريڪٽر اداره ثقافت اسلاميہ لاهور، حضرت مولانا مفتي ولي حسن ٽونڪي مفتي جامعة العلوم الاسلاميه، بنوري ٽاوءن ڪراچي، مولانا محمد طاسين صاحب صدر مجلس علمي ڪراچي ۽ ممبر اسلامي نظرياتي ڪاوءنسل، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ڊائريڪٽر شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب پير شريف ضلع لاڙڪاڻو، حضرت مولانا رياض الحسن نوري لاهور مشير وفاقي شرعي عدالت پاڪستان، علامہ جاويد احمد الغامدي مدير ماهنامہ اشراق لاهور، محترم سراج منير صاحب ڊائريڪٽر اداره ثقافت اسلاميہ لاهور شامل آهن.

حوالي (Reference) جي ڪتابن جي فراهميءَ جي سلسلي ۾ انڊيا آفيس لائبريري لنڊن، دارالڪتب القومية قاهره ۽ جامعہ اسلاميہ مدينة المنوره جي واسطي دارن جو بہ دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان، جن مون

حڪمراني جي سند حاصل ڪري، هر مسلمان ملڪ ۾ ڦرمار تي ٻڌل نظام قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ علائقن ۽ ننڍين قومن جي ڦرمار سان گڏ عام ماڻهن جو رت پڻ چوسيو وڃي ٿو. جيئن ته اها سموري راند جمهوريت جي نالي تي کيڏي وڃي ٿي، ان ڪري سياسي ۽ ديني جماعتن پڻ جمهوريت کي حڪومت جي حاصلات جي آسان واٽ سمجهي، پنهنجون سموريون قوتون معاشري ۾ نظرياتي شعور ۽ ثقافتي انقلاب برپا ڪرڻ جي بدران سياست جي نذر ڪري ڇڏيون آهن، سنڌن سموري پلاننگ سياست جي چوڌاري ڦيندي رهي ٿي، ليڊرن ۽ ڪارڪنن جي ڪاوشن جو رخ پڻ سياست رهي آهي، اهڙي صورتحال ۾ معاشري ۾ ظلم ۽ ڦرمار جي خلاف شعور پيدا ڪرڻ، اخلاقي نصب العين لاءِ ايثار جو مظاهرو ڪرڻ ۽ مظلوم ۽ غريب طبقن جو سهارو بڻجڻ ۽ ثقافتي اٿل پٿل پيدا ڪرڻ لاءِ فڪر ڪرڻ، اهي سمورا ڪم سياست ۽ سياسي سرگرمين جي ورچڙهي ويا آهن ۽ پڙهڻ پڙهائڻ ۽ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي لحاظ سان حالت ايستائين پهتي آهي جو ڪتاب لکڻ واري کي اها اميد رکڻ ته معاشري جا مؤثر طبقا ڪتاب پڙهندا، اها اميد رکڻ فضول آهي، بلڪ ڪتاب لکڻ سان گڏوگڏ ڪيس پاڻ ئي ڪتاب پڙهڻ تي اڪتفا ڪرڻي پوي ٿي. اها دردناڪ صورتحال ملڪ جي وڏن تعليمي ادارن جي سربراهن، ايجوڪيشن جي ماهرن ۽ تعليمي آفيسرن (جن تي تعليم جي نانءُ تي قوم جا ڪروڙين اربين رپيا خرچ ٿي رهيا آهن. انهن) لاءِ شرمناڪ آهي، انهيءَ صورتحال تي رت جا جيترا ڳوڙها ڳاڙجن، سي گهٽ آهن.

علائقائي حقن جي حاصلات جي سلسلي ۾ پڻ اها دک دائڪ صورتحال آهي ته علائقائي حقن، مظلوم ماڻهن ۽ ننڍين قومين جي نانءُ تي حڪومت، آفيسري، ناڻو ۽ عهدا ورتا وڃن ٿا، اهڙيءَ طرح علائقائي حقن کان هٽ ڪٽي عيش عشرت جي زندگي گذاري وڃي ٿي. غريب ماڻهن جي غربت جي قيمت تي اها سوديبازي نهايت شرمناڪ ڳالهه آهي.

اهڙين حالتن ۾ اهي فرد جيڪي سياست ۽ مفادن کان بلند ٿي، محض پنهنجي ذميوارين جي ادائگيءَ خاطر علمي ڪم ذريعي صحيح نظرياتي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهن، اهي قدر ۽ تحسين جوڳا آهن. پروفيسر عبدالخالق سهرياڻي موصوف اهڙين فردن ۾ ئي شامل آهي.

رکندڙ ٻين قوميتن سان تعلق ناتو ٽوڙي غيرن کي ئي پنهنجو ڀائي خواه سمجهڻ لڳي، ته اها تشويشناڪ صورتحال آهي، جڏهن ته عام طرح سان علائقائي مسئلن کي ڪٽڻ ۽ انهن کي غير معمولي اهميت ڏيڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿي وڃي ٿي. ايران ۽ عراق جا ڪرد هجن يا اڳوڻي مشرقي پاڪستان جا بنگالي يا بلوچستان ۽ سنڌ جا نيشنلسٽ يا عرب قوميت جا علمبردار، اهي سڀئي ظلم جي ردعمل ۾ نظرياتي نيشنلزم جا علمبردار بڻجي، ماڳهين اسلام ۽ مسلمُ ملت جي تصور کان پري ٿي ويا. اهڙيءَ طرح اهي نه دين ۽ ملت جي ڪم جا رهيا، نه وري حق حقوق حاصل ڪري سگهيا. ذهني ۽ نظرياتي طور تي خلفشار جو شڪار ٿار رهيا. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته بعض ذهين مذهبي ماڻهو پڻ علائقائي حقن جي نانءُ تي نيشنلزم جي ڪفر جي ور چڙهي، ٻين لاءِ عبرت جو نمونو بڻجي ويا. ان ڪري پرڳڻن جي حق حقوق کي اسلام جي روشنيءَ ۾ ڪٽڻ ۽ انهن لاءِ آواز اٿارڻ يا خود تحريڪ ڪڙي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته نظرياتي اعتبار سان اسلام ۽ مسلم ملت جي تصور تي پختو يقين هجي ۽ مظلوم ماڻهن ۽ مظلوم قوميتن کي حق ڏيارڻ جو جذبو غالب هجي.

جيئن ته موجوده دور قوميت سان محبت جي سادي تصور وارو دور نه رهيو آهي. بلڪ نيشنلزم جو نظرياتي دور آهي، جنهن ۾ نيشنلزم خود هڪ نظريو بڻجي ويو آهي. جنهن مطابق پنهنجي قوم ئي افضل قوم آهي، ٻين قومن مٿان پنهنجي قوم کي هر صورت ۾ غلبو حاصل هئڻ گهرجي، اهو جذبو نيشنلزم جي روح ۾ شامل آهي، ان ڪري علائقائي حقن جي آواز ۽ تحريڪ کي نيشنلزم جي جديد تصور ۽ ان جي اثرات کان بچائڻ پڻ ايترو ئي ضروري آهي، جيترو علائقائي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ.

جيتوڻيڪ زير نظر ڪتاب جو موضوع علائقائي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ يا تحريڪ هلائڻ ناهي،پر جيئن ته ڪتاب جي مطالعي سان اسلامي نقطہ نگاه سان علائقائي مسئلن لاءِ جذبو ۽ تحرڪ اڀري ٿو، ۽ ڪتاب ان ڏس ۾ اڻ سڌيءَ طرح فڪري طور لائين متعين ڪري ٿو، ان ڪري ڪتاب جي حوالي سان اهو نڪتو بيان ڪرڻ ضروري هو.

جيئن مٿي عرض ڪيو ويو ته عالم اسلام جي هڪ وڏي حصي ۾ گذريل ٥٠ سالن کان وٺي اها المناڪ ۽ دردناڪ صورتحال پيدا ٿي آهي ته رياستي حڪمرانن عالمي سامراجي طاقت سان رشتو ناتو جوڙي، ان کان

سان گڏوگڏ اسلام پاران علائقن کي ڏنل حقن لاءِ تحريڪ برپا ڪرڻ به ضروري ٿيو وڃي ٿو ته جيئن محرومي جو شڪار فردن جو اسلام تي اطمينان نه قائم ۽ برقرار رهي سگهي.

موجوده دور ۾ جڏهن ته عيش عشرت جا ڏيک عام ٿي چڪا آهن ۽ ڦورو قوتن جو ڪردار به سڌ سماءَ جي ذريعي عوام جي آڏو اچي چڪو آهي، اهڙين حالتن ۾ تعليم يافته نوجوانن مان اها اميد رکڻ ته اهي علائقائي حقن جي لتاڙ کي آساني سان برداشت ڪندا ۽ اُن تي ردعمل ظاهر ڪرڻ کان سواءِ رهي سگهندا، ممڪن ناهي، هونئن به انساني ۽ اسلامي نقطه نگاه سان نيڪ ۽ دردمند فردن مٿان اها ذميواري عائد ٿئي ٿي ته اهي ظالم ۽ ڦورو قوتن جي مقابلي ۾ مظلوم ترين جو ساٿ ڏين ۽ انهن کي ظلم سهڻ ۾ تنهانه ڇڏين.

پروفيسر عبدالخالق صاحب علائقائي حقن بابت اسلام جي موقف کي پڌرو ڪري، هڪ طرف محروميءَ جو شڪار فردن کي اسلام جي ڏنل حقن ۽ انهن حقن لاءِ تحريڪ هلائڻ جا نڪتا فراهم ڪيا آهن ته ٻي پاسي هن مذهبي طبقن کي پڻ سجاڳ ۽ بيدار ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي ته هو جائز حقن جي حاصلات ۽ نوجوانن جي اطمينان لاءِ علائقائي حقن جي تحريڪ ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪن ۽ اهڙي تحريڪ کي غلط رخ ڏيڻ کان بچائين، ٻين پاسي موصوف ڪتاب ذريعي حڪمرانن کي علائقائي حقن بابت اسلام جي موقف کي سمجهڻ جو موقعو پڻ ڏنو آهي.

ڪتاب ۾ زرعي زمين کان وٺي پاڻي جي مسئلي تائين هر مسئلي بابت جنهن تحقيق کان ڪم وٺي علائقائي حقن بابت اسلام جو موقف پڌرو ڪيو ويو آهي، اها عالمانه تحقيق منفرد نوعيت جي تحقيق آهي، جنهن لاءِ مصنف نه فقط علائقائي ماڻهن جي پاران آفرين جو مستحق آهي، بلڪ رياست جي مڙني دردمند فردن جي پاران پڻ شڪرئي جو مستحق آهي.

هتي اهو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي ته اسلام علائقائي مسئلن کي ته يقينا اهميت ڏي ٿو، پر اسلام جي نظر ۾ مسلم ملت جو مفاد سڀ کان وڌيڪ مقدم آهي، پرڳڻن جي مسئلن لاءِ اهڙيءَ طرح آواز بلند ڪرڻ، جنهن سان امت جي وحدت کي ڪاپاري ڌڪ لڳي يا نئين نسل ماڳهين قوميت جي وهڪري ۾ وهي، لادين نظرياتي تحريڪن جي ورچڙهي وڃي ۽ علائقائي قوميت ۽ علائقائي مسئلن کي ئي مقصود سمجهي، مسلم امت سان واسطو

ڪري اهي قرآن ۽ سنت جي تعليم ۽ ضمير جي فتويٰ موجب عمل ڪري، اهڙيون پاليسيون اختيار ڪن ٿا، جن سان علائقن ۽ پرڳڻن کي شڪوه شڪايت ۽ احساس محروميءَ جو موقعو ئي نٿو ملي، جيئن سليم طبيعت رکندڙ وڏو ڀاءُ پنهنجن ننڍن ڀائرن لاءِ دردمند دل رکي ٿو ۽ انهن جي باران شڪايت پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي انهن جي شڪايت کي دور ڪرڻ جو انتظام ڪري ٿو، ساڳي حالت اسلامي رياست جي حڪمرانن ۽ وڏي پرڳڻي سان واسطو رکندڙ آفيسرن جي پڻ رهي ٿي ۽ اهي ننڍن پرڳڻن جي شڪايتن جي سلسلي ۾ ضد ۽ هٺ ڌرميءَ بدران محبت جو مظاهرو ڪندي، انهن جي حقن جو خيال رکن ٿا ۽ سندن مسئلن کي حل ڪن ٿا. بدقسمتيءَ سان اسين طويل عرصي کان وٺي صحيح اسلامي رياست کان ته محروم آهيون ئي، پر جيڪڏهن صحيح اسلامي رياست جي جاءِ تي سنا ۽ ڪجهه ديانتدار ۽ ڪنهن حد تائين ضميروارا حڪمران به موجود هجن ها ته پرڳڻن جون شڪايتون نه وڌن ها، ۽ ساڻن ٿيندڙ ظلم جو بروقت تدارڪ ٿي وڃي ها، پر افسوس ته اسان کي ڪافي وقت کان وٺي مرده ضمير وارا حڪمران ۽ آفيسر مليا آهن، جن جي اڳو فقط هڪڙو ئي مقصد آهي، اهو اهو ته رياست جا سمورا ذريعا ۽ وسيلا پنهنجي ذات، برادري جي ماڻهن، پنهنجي قوم جي فردن ۽ اقتدار کي مضبوط ڪندڙ ڌرين تي خرچ ڪيا وڃن، جڏهن حڪمرانن جي اڳو خالص ذاتي مقصد هجي ته ظاهر آهي پرڳڻا ۽ علائقا ته پري رهيا، خود پنهنجي صوبي سان واسطو رکندڙ عام ماڻهو پڻ سندن ڏاڍ، ۽ معاشي ڦرمار کان بچي سگهن، سو مشڪل آهي.

جڏهن ڪنهن رياست ۾ نفسانفسي ۽ ظلم جي اهڙي صورتحال پيدا ٿي وڃي، جيڪا ڪافي وقت کان وٺي سڄي عالم اسلام ۾ پيدا ٿي آهي ۽ سامراجي طاقتون مختلف مسلمان ملڪن ۾ رهندڙ ننڍين قوميتن ۽ پرڳڻن جي ماڻهن کي مسلم رياست جي خلاف استعمال ڪري، اسلام ۽ ملت اسلاميه کي ڪاپاري ڌڪ پهچائڻ چاهن ٿيون، جيئن عراق ۽ ايران وغيره ۾ ڪردن کي استعمال ڪيو پيو وڃي ۽ اڳوڻي مشرقي پاڪستان ۾ بنگالين کي استعمال ڪيو ويو. هن کان اڳ عربن کي ترڪي جي خلافت خلاف استعمال ڪيو ويو، اهڙي صورتحال ۾ ضروري ٿيو وڃي ته نه فقط، اهو ته علائقائي مسئلن بابت اسلام جي موقف کي پوري استدلالي قوت سان پڌرو ڪيو وڃي، پر ان

# اسلام ۾ علائقائي حقن جو تصور

## هڪ نظر ۾

پروفيسر عبدالخالق سهرياڻي صاحب سنڌ جي انهن ٻن چئن ذاهن ۾ شامل آهي، جيڪي اسلام ۽ ملت لاءِ دلي درد رکڻ سان گڏوگڏ جديد دور جي نظرين، مسئلن ۽ قومن جي عروج زوال ۽ انهن جي ڪارڻن تي گهري نظر رکن ٿا. موصوف زير نظر ڪتاب ۾ هڪ اهڙي موضوع تي قلم کنيو آهي، جيڪو وقت جو سڀ کان منجهائيندڙ مسئلو آهي ۽ جنهن موضوع تي اسلامي نقطہ نگاه سان لکڻ جو تصور ڪرڻ بہ مشڪل هو. خاص طور مذهبي حلقن لاءِ تہ اهو موضوع اهڙو آهي، جنهن تي بحث ۽ گفتگوءَ جي گنجائش ڪڍڻ ئي ڏکيو آهي.

علائقائي حقن بابت اسلامي رياست جو ڪردار ڇا هئڻ گهرجي؟ هونئن تہ اهو سوال پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿو، پر ان سوال جي اهميت ان وقت اجان وڌي وڃي ٿي، جڏهن مختلف پرڳڻن سان واسطو رکندڙ رياست ۾ ظلم، ڏاڍ، ارهہ زورائي، معاشي ڦرمار ۽ هڪ خاص علائقي جي ماڻهن جو زور ۽ غلبو موجود هجي. اهڙي صورت ۾ علائقائي حقن بابت اسلام جي تصور کي وڌيڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪري آڏو آڻڻ جي ضرورت ڪيترن ئي سببن ڪري وڌي وڃي ٿي.

هڪ ان ڪري تہ جيئن رياست جي ڪارندن جي آڏو علائقائي حقن جي اهميت واضح ٿئي، تہ جيئن حڪمرانن ۾ جيڪڏهن زنده ضمير جا ڪي صاحب موجود هجن تہ اهي پرڳڻن بابت اسلامي تعليم کان متاثر ٿي، تنهن علائقن جي ماڻهن کي انصاف مهيا ڪن ۽ سندن جائز حق پورا ڪن. ٻيو ان ڪري تہ جيئن پرڳڻن جي فردن ۾ اسلام جي نالي تي مرڪزي حڪومت پاران ٿيندڙ ظلم، ارهہ زورائي، معاشي ڦرمار ۽ حقن جي لتاڙ کي اسلام ڏانهن منسوب ڪري، اسلام کان بدظن ٿيڻ جو لاڙو اسري ۽ طاقتور ٿي نہ سگهي.

حقيقت اها آهي تہ اسلام جو عادلانہ نظام جڏهن ڪنهن رياست ۾ قائم ٿئي ٿو تہ جيئن تہ ان رياست جي حڪمرانن جو ضمير زنده رهي ٿو، ان